اِنسانيت جي راهه

پنڪج پبليڪيشن
اجمير

اِنسانيت جي راهه

(ڪهاڻيون)

ڪملا ٻتاڻي

پنڪج پبليڪيشن
اجمير

ٻه اکر

صحتمند ڪهاڻيون

زندگيءَ جي سکن - ڏکن کي پرکيندو، دنيا جا رنگ - ڍنگ ڏسندو، دماغ ۾ پيدا ٿيل اُڌمن - ويچارن جي تندور ۾ پچندو هڪ شخص جڏهن قلم کڻي پاڻ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ لکي ته ليکڪ ٿو چورائي. ظاهر ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ لاءِ ته ليکڪ ۽ اليکڪ جي وچ جي وِٿ ئي آهي. پڙهي، ڏسي، سوچي، سمجهي احساس جي سطح تي لهڻ چاڙهڻ مان هر هڪ شخص گهٽ وڌ گذري ٿو. پر شخص اظهار جا مختلف طريقا استعمال ٿا ڪن. ڪو ڪنهن سان ونڊي ٿو. ڪو اڪيلو ئي پروسو رکي سڀ ڪجهه الٽي ٿو ڇڏي. ڪو شراب ۾ خوشي يا غم کي لڙهي ۾ ٻڏون ٿو ڏياري. ليکڪ لکي ظاهر ٿو ڪري. احساسن کي جيترو اثردار نموني ظاهر ڪرڻ جو ڏانءُ ليکڪ ۾ هوندو هوندو، اوترو مقبول ليکڪ تسليم ڪيو ويندو. پڙهڻ، بحث - مباحثي ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ لڳاتار لکڻ جو ان ڏانءُ سان سڌو تعلق آهي.

ڪملا ڀٽائيءَ جي هن وقت تائين شايع ٿيل ڪهاڻين جي مجموعن تي نظر وجهڻ سان محسوس ڏانءُ ۾ اضافو چڱي طرح محسوس ڪري سگهجي ٿو. موجوده

INSANEEAT JI RAH

(Short Stories)

By :

Smt. KAMLA BUTANI

Lecturer — Hindi

Govt. Model Girls Higher Secondary School, Ajmer

First Edition — 1999

Price Rs. 40/- only

Published by :

PANKAJ PUBLICATION

E-19, U. I. T. Colony,

Naka Madar, Ajmer-305001

Prited by :

KAUSHAL PRINTING PRESS

3, Dayanand Market, Kaiser Ganj,

Ajmer – 305001

Phone : 622767

Copy Rights with Author.

Financial Assistance by :

Rajasthan Sindhi Akademi, Jaipur

بطور ليکڪا پاڻ کي اظهار ڏيڻ جو رستو چونڊڻ کانپوءِ ڪملا قدم به قدم اڳتي وڌي آهي. سهانجهاڻيءَ کان سنڌس ڪهاڻين جي شروعات ٿي هئي. اڄ ڪملا احساس جي ترجماني ڪرڻ واري ليکڪا جي روپ ۾ سڃاڻپ قائم ڪرڻ لڳي آهي. اها منزل طئه ڪرڻ لاءِ ڪملا محنت ڪئي آهي. کيس اڃا گهڻيون ئي منزلون لتاڙڻيون آهن. محنت ۽ لگن ڪملا ۾ آتم وشواس پيدا ڪيو آهي. جنهن کي پاڻ تي ڀروسو هجي، اُن کي ڀلا اڳتي وڌڻ کان ڪوئي روڪي سگهندو آهي؟

ڀڳوان اٽلاڻي
صدر، راجستان سنڌي اڪادمي
جئپور
1-3-1999

مجموعي "انسانيت جي راهه" ۾ شامل سنڌس ڏهن مان پنج ڪهاڻيون اڳ مخزنن ۾ ڇپجي چڪيون آهن. ٻن ڪهاڻين تي ڪٿس انعام حاصل ٿيا آهن.

"پرائو گهر" تي راجستان سنڌي اڪادميءَ پاران سال 1998-99 ۾ ٿيل ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ ۾ اکل ڀارت سطح تي پهريون انعام ڏنو ويو آهي. ڪملا جي ڪهاڻي ڪلا جي وقت سان پختي ٿيڻ جو اهو ثبوت آهي. سنڌس ڪهاڻيون ڄاتل - سڃاتل مدعن تي لکيل آهن، تنهن ڪري پاٺڪ کي پاڻ سان لوڙهي ڪڍي وڃڻ جو جذبو هنن ۾ آهي. سماج جي ايڪ لاءِ ذميوار اڪائيءَ جي روپ ۾ ڪنهن به هڪ ڇڙو کي ڪردار ٺاهي هوءَ پنهنجي ڪهاڻيءَ جي اُٺت تي ڪري. ماڻهن کي، اهميت ڏيندي احساس جي آڌمي ۾ سنڌين ويهوار جي ڇنڊ ڇاڻ تي ڪري. انهيءَ طور ڪملا جي ڪهاڻي نعرابازي، اُپديشبازي نه آهي. سنڌس ڪهاڻي حالتن جي سامهون هٿيار ڦٽي هار مڃڻ جي نصيحت نٿي ڏي. صحتمند ساهت جو فرض آهي سماج کي رستو ڏيکارڻ. ڪملا جي ڪهاڻي اهو فرض پوري نباهي ٿي.

شاديءَ کان اڳ ڪملا پختاڻي ۽ پوءِ ڪملا ٽنڊاڻي نالي سان ڪهاڻيون لکڻ واري هن ليکڪا کي لکڻ لاءِ ضروري ڏاڪا چڙهندي ڏسندو رهڻ آهيان.

ڀُڻ جو ڏُک

جيوترام آفيس مان گهر جي در اندر گهڙيو. ڀڻ ڀڻ پنهنجي نرڙ تي آيل پگهر اُگهيو. پراڻو چشمو جنهنجي هڪ ڪاني گهڻن ڏينهن کان الڳ ٿي ويئي هئي، پر وري به جوڙي ڪم هلائي رهيو هو؛ اکين تان لاٿو ۽ پراڻي ٽيبل تي رکيو ۽ ٿڌو ساهه کڻندي پراڻي بابا آدم جي زماني جي ڪرسيءَ تي ڌم سان ويهي رهيو.

سندس زال پيوي جهٽ پاڻيءَ جو گلاس پري آئي ۽ مڙس جي مايوس منهن ۽ ٽڪل سرير ڏانهن بيزار نظرن سان ڏسڻ لڳي. جيوترام جڻ پنهنجي عمر کان اڳ ئي وڏيڪ بڊو ٿي ويو هو. هن جون اکيون اندر پيهي ويون هيون ۽ ڳلن جون هڏيون نڪري آيون هيس، ماس ته جڻ سڄي سرير تان موڪلائي ويو هيس.

پاڻيءَ جو گلاس پي جيوترام ٿڌو ساهه کنيو. ساڄو هٿ مٿي تي ڦيريندي اکيون بوتي چڙيائين. پيويءَ کي سمجهندي دير نه لڳي ته اڄ وري جيوترام کي مٿي ۾ سور ٿيو آهي، جيڪو هنجي سهڻ کان ٻاهر هوندو آهي.

مٿي کي زور ڏيندي پيويءَ چيائين، ”ڇا اڄ به مٿي ۾ سور ٿي پيو اٿوَ؟“

جيوترام ڪنڌ لوڏي ”ها“ ڪئي.

مون نوهان کي ڪيترا دفعا چيو آهي ته چشمي جي ڪاني ٺيڪ ڪرايو. پڳل ڪانيءَ کان اکين تي زور ٿو پوي ۽

سلسلو

نمبر	ڪهاڻي	صفحو نمبر
١	هن جو ڏک	٩
٢	گهر جي روشني	١٧
٣	پٿر دل	٢٤
٤	وقت جي رفتار	٣٠
٥	نئون دور	٣٥
٦	انسانيت جي راهه	٤١
٧	پراڻو گهر	٥٢
٨	ڇٽري ڇري	٦٧
٩	هن جي عبادت	٧٢
١٠	هر ٿڪي ٿڪر	٨٣
١١	آنڌي ممتا	٩٥

اَيون ٻوٽي هڏنهن. پيوءَ پڇيو، ''ڇو، ڇو، شڪ ته آهي نه؟ رميش ٺيڪ نه آهي؟!''

جيوترام ڌيمي آواز ۾ چيو،''ها ٺيڪ آهي، پر هن هزار رپيا ٻيا به گهرايا آهن.''

پيوءِ عجب مان چيو، ''هڪ هزار رپيا؟ اڃا اڳئين مهيني ۵۰۰ رپيا موڪليا اٿائون.''

جيوترام چيو، ''پرديس ۾ خرچ گهڻا آهن. وري جيڏا اُٺ، تيڏا لوڏا. وڏي ڊگريءِ وٺڻ لاءِ پئسو به گهڻو خرچ ڪرڻو پوندو.''

''پوءِ! پوءِ ڇا ڪندا؟''

''تون فِڪر نه ڪر. مان جي. پي. ايف مان پئسا ڪڍائيندس.'' ۽ پوءِ جيوترام هفتي ڪن جي پڄ ڊوڙ ڪان پوءِ پئسا پٽ کي موڪلي ڇڏيا.

پيوءِ هر وقت هن کي غمگين ڏِسي چونديِ هئي، ''توهان چنتا نه ڪريو. هڪ دفعو رڳو رميش نوڪريءَ کي لڳي وڃي، توهان جا سڀ ڏک دور ٿي ويندا.''

۽ ٻئي زال مُڙس رميش روپي آشا جي لئه ۾ لائي ڪيترا ۽ ڪهڙا منصوبا پيا گهڙيندا هئا ۽ پنهنجو من خوش ڪندا هئا. اِئين وقت گذرندو رهيو.

پنهنجي پيٽ کي پٽي ٻڌي، ليڙون لوڏي هي ٻئي سمجهندا هئا ته اِن بچت مان ئي رميش اِنجنيئر ٿي ويندو. پر اهو ڪڏهن ڪين سوچيائون ته اگر تندرستي ويئي ته هزارن ۾ به خريد نه ڪري سگهبي.

مٿي ۾ سور ٿيو پيو. پر توهان آهيو جو ڏا ٢٠٠ روپين جي بچت جي خاطر ننڍڪو نور ٿيا بچايو ۽ روز مٿي ۾ سور کڻي اچو.

جيوترام هت جي اشاري سان هن کي چپ رهڻ لاءِ چيو. پيوِي ڪاوڙ ۾ رڌڻي ۾ وڃي چانهن ٺاهڻ لڳي.

جيوترام سرڪاري آفيس ۾ ڪلارڪ آهي. ٻار ٻه ئي آهن. رميش اِنجنيرنگ جي آخرِي سال ۾ پڙهي رهيو آهي ۽ گڏي ٻارهين ڪلاس ۾.

رميش ٻارهون پاس ڪندي ئي P.E.T. جي اِمتحان ۾ پاس ٿيو ۽ هاڻي آخري سال ۾ اچي پهتو آهي. بس، پوءِ ته جيوترام جا سڀ ڏک ئي دور ٿي ويندا.

پر هڪ ڪلارڪ جي کهڙي حيثيت جو هو پنهنجي پٽ کي اِنجنيئرنگ ڪرائي سگهي پر هي ته اُڌوئي تو جاڻي ته هو ڪيئن وينو پورت ڪري؟

ايتري ۾ پيوِي چانهن جا ٻه ڪوپ ناهي کڻي اچي ويني. جيوترام ٻه هٿ مُنهن ڌوئي اچي چانهن پيئڻ لڳو. ٻه ٽي ڏڪ پري پڇيائين، ”رميش جي ڪا چٺي آئي آهي ڇا؟“ جوٽس خوش ٿيندي چيو، ”ها ها، هڪ لفافو آيو ته آهي.“

چانهن جو ڪوپ اڌ ۾ ئي رکي ڦرتيءَ سان لفافو کڻي آئي. جيوترام جهٽ جهٽ چانهن جا ڏڪ پري چانهن ختم ڪئي ۽ چٺي پڙهڻ لڳو. جيوترام جيئن جيئن چٺي پڙهندو پيو وڃي، هن جا ڏِڏر ڏرا ٿيندا پيا وڃن. مٿي جو سور هٻڪارين وڌندو ٿي ويس. چٺي پڙهي رکندي هن ورۍ

جيوترام ۽ پيوءِ جو ته ساهُ ئي سُڪي ويو. جوان ٻار آهي، ڪٿي ڪجهه ڪري نه وجهي. اِهو سوچي ڏجي ڪوئي جي ٻر ۾ پيا پوندا هئا.

رميش ٻُري سنگت ۾ بگڙي ويو آهي. هاڻي ته ڦڏا به ڪرڻ لڳو آهي، ”ممي، منهنجي سڀني دوستن وٽ اِسڪوٽر آهي. مان ئي آهيان، جو وڏي عهدي تي هوندي به سائيڪل پيو گهيليان.“

پر ماڻس پٽس جي اِها همت نه ٿي جو چونس، ”پنهنجي ڪمائيءَ مان ڪو تيڙ ناهه ته خبر پوئي. اِسڪوٽر هلائڻ لاءِ پلا ڪنهنکي نه ڪپي؟“ پر هتي ته مِني به ماڻ، مُني به ماڻ. مطلب ته جيوترام اجا به ڳٽين ڪان آجو نه ٿيو! ڪمائيندڙ پٽ لاءِ هن کي ئي اِسڪوٽر جو بندوبست ڪرڻو پيو.

رميش کي گهر جي ڪنهن شيءِ جو ڪو قدر ته ڪو ڪونه. اڌ رات منجهه رات اِسڪوٽر دوستن کي ڏيئي چڙيندو هو ته پلي گهر ڪٺي وڃن. اِها ڳالهه ماءُ پيءُ کي پلا ڪيئن برداشت ٿيندي؟ جن رت وِلوڙي پَٽ ڪيو، سي اِهو نظارو ڪيئن ڏسي سگهندا؟

اُن تي پيوءَ ڪان رهيو نه ويو. چيائينس، ”رميش، نئون اِسڪوٽر ته تو ڪٺي دوستن کي ڏنو؟ چا ته پيٽرول مهانگو آهي ۽ چا نه ٽاير ٽيوب؟ توکي ڪنهن شيءِ جو قدر به آهي؟“

رميش، جيڪو نوڪريءَ ملڻ ڪان پوءِ آسمان ۾ پئي اُڏامبو، چيائين ”ممي، توهان منهنجي هر ڳالهه ۾ دخل نه

پر ڄاڻ ممتا، توڻي نہ اولاد تان ترڪَ ۾ قربان ٿيندي آئي آهين.

آهو بہ ڏينهن آيو، جو رميش انجنيئر ٿي موٽيو ۽ هڪ ڏينهن نوڪريءَ تي بہ چڙهيو.

بہ چار مهينا تہ رميش سڄي پگهار ماءُ جي هٿ ۾ آڻي ڏيندو هو ۽ جيب خرچ بہ گهٽ کونہ وٺندو هو. پر ڏينهون ڏينهن هن جو جيب خرچ وڌندو ويو ۽ هن جي دوستن جي قطار بہ وڌي لنبي ٿيندي.

هر وقت دوست هن کي گهيري ويٺا هوندا هئا. جن مان بہ چار جڻا تہ بلڪل نڪما ۽ نڪمٽا هئا. هنن کي چانهن ناشتا ڪرائڻ جي ڊيوٽي ماڻس جي ئي هئي ۽ ڪڏهن تہ رات جو دير سان روٽي بہ کائي پوءِ ويندا هئا. ماڻس جي ٿڪ ۽ اِنتظاريءَ جو هن کي ڪو احساس ئي نہ هئو.

هڪ ڏينهن تہ ڪمال ٿي ويو. پيويءَ کي بخار اچي جڪڙيو ۽ رميش جي مِتر منڊلي اُهائي مجلس لڳائي ويٺي هئي. رميش ماءُ کي چيو، ”ممي، جلدي روٽي تيار ڪر. منهنجا دوست ٻاهران آيا آهن.“

پيوي تہ اُٿڻ کان لاچار هئي. رميش روٽيءَ کي دير ٿيندي ڏسي ڪاوڙجي ماءُ کي چوڻ لڳو، ”ممي، مان وڃان ٿو هنن کي هوٽل تي روٽي کارائڻ، ڇا تون روٽي نہ کارائيندينءَ تہ اسان کو ٻيا ٿوري سمهنداسين.“ رميش کي گهر جي ڏک سک سان تہ ڄڻ ڪو واسطو ئي ڪونہ هو. اِئين ڇئي گهران جو نڪتو، سو اڌ رات جو آيو.

ڏاڍي ٻوڙڻ جي اڃڻ کان پوءِ ته ٻچڙن شانتي سان
ٻجندي نظر ايندي آئي.

ڏاڍي هٿي نه تنهن جي گهر جي. پر هتي نه ڪو ٻالهه
۾ نڪ ڪٽي چاڙهيندي هئي. مڙس جي ڪنڌ تي بندوق
رکي ڏاڍائي نه ڪير هن کان پڇي.

رميش سڄي ٻاهر هاڻي ڏاليءَ جي هٿن ۾ ڏيندو
هو، جيڪا ”شاپنگ“ اڪر تي ئي خرچ ٿيندي هئي. هاڻي
هن رميش کي هڪ ٻيو اڪر به سيکاريو هو ”اِسٽئنڊرڊ“،
جيڪو نه جيوترام جي پراڻي جڳهه ۾ هو، نه فرنيچر ۽
ڪراڪريءَ ۾.

اِسٽئنڊرڊ سان ڪلهو هڻڻ لاءِ هاڻي رميش ڪڏهن
گاڏريج جي الماڙي پيو خريد ڪري ايندو هو ته ڪڏهن فِرج.
هوُ ايڏو ته ائمبشس ٿيندو پئي ويو، جو سندس پرَ ايڏي
اُڏام برداشت نه ڪري سگهندا هئا ۽ پوءِ هو غم ٻالائڻ لاءِ
شراب پي اڌ رات جو گهر ايندو هو ۽ اچي گارگند ڪندو هو.

جيوترام جي آشا جي اُميد ته اُجهامنديِ ٿي نظر آئي.
زال مُڙس جو چين، آرام، شانتي پٽ جي اِنجنيئر
ٿيڻ سان ڄڻڪاري ڪوچ ڪري ويا هئا. هنن کي نه روٽي
وڻندي هئي ۽ نه ننڊ ئي ايندي هئي. هر وقت اِهوئي ڊپ
پيو لڳندو هو - ڪٿي رميش گهر ۾ اسانکي ڇڏي نه وڃي هلي.

اِنڪري نه ڪجهه ڪڇندا هئا، نه چوندا هئا؛ پر نه به
رميش ۽ ڏالي هِتي ٻاڻ کي آزاد نه سمجهندا هئا. ٻيا
انڪسر ڪنڌي نه اسٽئنڊرڊ سان ٿا رهن! روز پارٽيون، سئر

ڏيندا ڪيو. جيڪڏهن منهنجي ڏوهن جي برداشت نہ ڪندا تہ مان ئي هليو ويندس.“

بس، اُن کان پوءِ تہ ڪنهن هن کي ڪجھ نہ چيو.

رميش جي نوڪريءَ لڳڻ کان پوءِ مائٽين جا رشتا اچڻ لڳا، پر جيوترام چاهيو ٿي تہ رميش ڪجھ سال ڪمائي، پوءِ شادي ڪري، جو نياڻيءَ کي پهرين اُڪلائڻ ٿي چاهيائين.

پر ڪجھ ڏينهن کان پوءِ پرلاءُ پيئن تہ رميش هڪ ڇوڪريءَ کي اِسڪوٽر تي چاڙهي گهمائيندو ٿو وَتي. ۽ پوءِ خبر پيئن تہ اُها ڇوڪري پاڙي جي نڪمين ڇوڪرين مان هڪ هئي، جيڪا صرف فئشن ۽ گهمڻ کان سواءِ ڪجھ نہ ڄاڻندي هئي. بنهين ڪرم ڪٽي ڪُٽيو. پٽ کي ڳھڻو ئي سمجهايائون تہ هيرا ڇڏي ڪاوا چو ٿو چوندين؟ تہ چيائين، ”شادي تہ مونکي ڊاليءَ سان ئي ڪرڻي آهي. توهان نہ ڪرائيندا تہ ڪورٽ ۾ وڃي ڪندس، گهر ۾ نہ گهڙڻ ڏيندا تہ بدلي ڪرائي ويندس. هاڻي ڪو مان بيروزگار ٿورئي آهيان؟“

اِهي ڳالهيون ٻڌي زال مُڙس جو ساهہ ئي مُٺ ۾ پئجي ويو. جي لوڪ لڄا تا رکن تہ بہ شاديءَ ۾ پنجاهہ هزار نہ خرچ ٿيندو!

ٻئي مهيني ۾ جيوترام جو رٽايرمينٽ آهي. سو ڏينهن بہ اچي سهڙيو. جيوترام رٽاير تہ ٿيو، پر نہ جهڙو. جيڪو پئسو مليس، پٽ جي شاديءَ ۾ خرچ ڪري ڇڏيائين. پاڻ تہ جهڙو هو، تهڙو ٿيو.

گهر جي روشني

جنا هٿ ۾ فٽوٽو نٿي، 'مما' 'مما' ڪندي اچي ٿي ''مما منهنجون ٻه چوٽيون ناهه.''

ڪانتا رسوئيءِ جي ڪم ۾ مشغول آهي. چڙ مان چوبس ٿي، ''وڃ! وڃي اما کان چوٽي ڪراءِ. اسڪول ۾ دير ٿي ٿئيئي.''

چينا نه ڪندي چيو، ''مما! اما چوٽي سٺي نٿي ڪري. تون ڪر نه مما.'' ڪانتا زور سان هڪ چماٽ چينا جي ڳل تي هڻي ٿي ڪڍي.

هڪ ٻئي پنيان ڌيئرن جي جمڻ سان ڪانتا جو ته جڻ دماغ ئي خراب ٿي پيو. ڪير هن جي گهر جو ديپڪ ٻاريندو. ڪير خاندان جو چراغ روشن ڪندو. ڪير هن جو وارث بڻبو؟

ڪانتا پاڻ گرئجوئيٽ آهي. ڪنواري هوندي اسٽينو جي پوسٽ تي ڪم ڪندي هئي پر پوءِ شادي ٿيڻ ڪري نوڪري ڇڏڻي پيس. ٻن ڇوڪرين هوندي به ڪانتا جي نڪو سس ۽ نڪو گهوٽ ئي هن کي ڪجهه چيو. بس اِهو ته سندس دماغ جو ئي فطور هو.

الائي ڇو هوءَ پنهنجي ڇوڪرين کان چڙ ڪندي هئي. هُو ويچاريون ڏاڏيءَ جي ئي پيار تي پئي پليون نپنيون.

گهر ۾ هڪ ئي چندر ڪمائڻ وارو هو، اِنڪري ڇوڪرين کي ڪانوينٽ ۾ به نٿي پاڙهي سگهي. نه ئي اُنهن جي اوچي پرورش لاءِ ئي سندن وٽ پئسو آهي.

سبانا، دوستن جون محفلون نہ لڳنديون ۽ اسين آهيون جو اجان ماءُ پيءُ جي ڳوڏ ۾ لڪا ويٺا آهيون. اهو سوچي رميش پنهنجي آفيس ۾ بدليءَ لاءِ لکي ڏنو. جواب ۾ هنجي بدلي دهليءَ جهڙي وڏي شهر ۾ ڪئي ويئي. شايد دهلي ۽ بمبئي ئي آهن، جيڪي اِسٽئنڊرڊ جا شهر آهن، جتي زندگيءَ جو سچو مزو ماڻي سگهجي ٿو.

اڄ رميش تمام خوش آهي. آفيس مان اچي ماءُ پيءُ کي چوي ٿو، ”مونکي واڌايون ڏيو، منهنجي بدلي دهليءَ ۾ ٿي ويئي آهي.“

جيوترام پيوءِ جي مُنهن تي جڻ هئڊ هارجي ٿي وڃي. پر رميش جي اکين ۾ چمڪ ۽ چهري تي دمڪ ڏسي هنن کي عجب ٿو لڳي. رميش ڦونڊجي چوي ٿو، ”هاڻي ڏسجو! اُتي ڪيئن شان مان سان ٿا رهون. مون وٽ بنگلو هوندو، در تي ڪار هوندي، اي. سي. هوندا ۽ نوڪر گيٽ تي سلام پيا ڪندا.“

ٻئي ڏينهن رميش ۽ ڊالي پنهنجي اسٽينڊرڊ سامان سان گڏ دهلي روانا ٿي ويا.

جيوترام پنهنجي عينڪ جي ڪاني ناهڻ جي ڪوشش ڪندو، اڄ جي اخبار ۾ ويڪينسيءَ جو ڪالم پڙهي پنهنجي لاءِ نئين سنئينءَ نوڪريءَ جي ڳولها ڪرڻ ٿو لڳي.

شايد اڄ ئي هن جي دک جي شروعات ٿئي يا سُک جي، اِهو تہ هوُئي جاڻي.

سندس ڏوٽي ڏئاڻي ويو هو ۽ ڪيترين اسرين هٿ
ٺوڙي اکيون بوٽي سندس سامهون ويٺون هيون.

واري سان هر هڪ اسري ساڌوءَ جي اڳيان اچي
پنهنجي دکن جي ڪهاڻي ٻڌائي رهي هئي. ساڌو هنن کي
هڪ خاڪ چپٽي ۽ ڪا پاڻڻ لاءِ رکيا ڏيئي رهيو هو.

ڪانتا به ساڌن جي چڪر ۾ اهڙي ڦاٿي جو روز ساهيڙيءَ
جو بهانو ڪري مندر ۾ اچي هون ۽ جاپ ڪرائيندي هئي.
پت تيرڻ جي لالچ ۾ هوءَ ساڌن کي ڪافي پئسا ڏيندي هئي.
اهو سڀ ڪجهه هن پتيءَ کان لڪائي پئي ڪيو.

اُن ڏينهن به خاڪ جي پڙي ۽ رکيا وٺي گهر ڏانهن
وڃي رهي هئي. رستي ۾ اوچتو برسات وسي ۽ ڪانتا پسندي
اچي گهر پهتي.

اُن ڏينهن چندر گهر ۾ اچي چڪو هو. ڪانتا کان
پڇيائين ته اڄ هوءَ ڪٿي ويئي هئي ته ڪانتا ڪيس چيو
ساهيڙيءَ وٽ ويئي هئس. اُن ڏينهن ڳالهه اُتي ئي ختم ٿي.

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ ڪنچن رستي ۾ وري ڪانتا کي
ملي ويئي، تيس گهلي پنهنجي گهر وٺي ويئي. ڪانتا ڏٺو
ته ڪنچن جو گهر واقعي ۾ ڪنچن جو آهي. نئين زماني
جي سيني شين سان سينگاريل هو. ڪنچن گهر ايندي ئي
سس کي پيرين پئي. سسڻس به آسيس ڪيس. پوءِ ڪانتا
سان ڳالهائڻ ويٺي، تيستائين ڪنچن چانهه ناشتو کڻي آئي.

اِئين چانهه جو دؤر هليو پئي ته به ٻيبيون اُتي کلنديون
آيون. هڪ ٻنهن سالن جي ۽ ٻي ستن سالن جي ٿي لڳي.

ڇوڪرين کي ٻيئي ڄڻيندي هئي ۽ اُنهن تي خرچ ٻيئي ڪمائيندي هئي. ٻنهي ڌرين کي گهر کان ٻاهر رهڻ ۾ ئي فرحت محسوس ٿيندي هئي. نه کي نه گهر جي سهيڙ ۾ من لڳندو هو، نه گهر جي ڀاتين جي شيوا ۾ ئي من لڳندو هو.

ڪنهن کي خبر ئي نه هوندي هئي ته ڪانتا منجهند جو وقت ڪٿي وڃي ٿي گذاري؟ هوءَ ته ڪنهن ساهيڙيءَ جو نالو وٺي هلي ويندي هئي ۽ پوءِ چندر جي آفيس کان موٽڻ وقت ئي موٽندي هئي.

هڪ ڏينهن ڪانتا ڪنهن گهٽيءَ مان اچي رهي هئي ته هن جي ساهيڙيءَ کيس ڏٺو ۽ پڇيائينس، ”ڪانتا! تون اڄ هتي ڪيئن؟“

ڪانتا به هن کي ڏسي مسڪرائڻ لڳي. ڪافي عرصي کانپوءِ ٻئي ساهيڙيون پاڻ ۾ ملي بيحد خوش ٿيون. ڪانتا ڏٺو ته ڪنچن جا وار ڪٽيل، اکين تي ڪارو چشمو ۽ قيمتي ساڙهي پاتل هئس. ڪير به ڏسي کيس سندس شاهوڪاريءَ جو اندازو لڳائي ٿي سگهيو.

ڪنچن ڪانتا کي ڏسندي ئي چيو، ”ڪانتا! اڄ منهنجي گهر هل. منهنجي هسبنڊ رامچندائيءَ جي هتي بدلي ٿي آهي. اسين ٻن مهنن کان هتي آيا آهيون.“

ڪانتا ٽاريندي چيو، ”اڄ نه! ٻئي ڪنهن ڏينهن هلنديس، اڄ ته مان جلديءَ ۾ آهيان.“ اِئين چوندي هوءَ تکا قدم وڌائيندي ڪنهن مندر ۾ اچي پهتي. ساڌو

آهي. ڪيتريون نہ سڀاڳيون آهن هن جون نياڻيون. جيڪو نہ ڏين سو سڀ چاپ ڪائي اُٿن. پاڻ ئي پڙهي هوم ورڪ ۽ ڪلاس ورڪ ڪن. نہ پاڻ کين پيار ڏنو اٿس نہ ٻار بہ کيس گهڻو پيار ڪن. هو تہ ڏاڍيءَ سان ئي پيار ڪن.

هلڻ وقت گيٽ جي در وٽ ڪانتا کيس آهستي چيو، ”ڪنچن! ڇا توکي پٽ ڄڻڻ جي تمنا ڪانهي؟ ڇا تون پٽ لاءِ ڪا بہ ڪوشش نٿي ڪرين؟“

ڪنچن کلندي چيو، ”نہ بابا نہ! ڪير ٿو ورِي رسڪ کڻي؟ مون تہ ٻيءَ ٻيبيءَ وقت ئي آپريشن ڪرائي ڇڏيو، هاڻي وري ڇاجي تمنا؟“

ڪانتا اُداس ٿي چيو، ”مونکي تہ پٽ ڄمڻ جي گهڻي تمنا آهي. ڪير خاندان جو ونش هلائيندو. اسانجي مئي ڪانپوءِ مکتي ڪيئن ٿيندي؟“

ڪنچن کلي ڪانتا کي ڳرانڙي پائيندي چيو، ”اڙي ڪانتا، تون پڙهيل ٿي ڪري سورهين صديءَ جون ڳالهيون ٿي ڪرين. اڄڪلهہ پٽ ۽ ڌيءَ ۾ گهڻو فرق آهي؟“

پڳلي پاڻ ڌيئر ماءُ پيءُ جي ٻڍاپي ۾ وڌيڪ شيوا ٿيون ڪن. سندن مائٽن لاءِ وڌيڪ هڏ ٿو ڪري. گهر جي ڪم ۾ بہ هٿ ونڊائين ۽ پٽن وانگر آوارا ٿي تنگ بہ ڪونہ ڪن. پٽ وري اڄڪلهہ گهڻو شاديءَ ڪانپوءِ ڳڏ ٿا رهن. هر ڪنهن کي آزادي کپي. اگر پٽ آوارا ٿي پوي تہ سمجهہ ٻڍاپي ۾ ٻهوئي ڏنگ. ننڊ بہ ننڊن جي حرام ٿا ڪن.

انهيءَ ٿي کلڪاريون ڪندين 'مما-مما' ڪري اچي ٻانهن ڦهلائي ڪنچن جي ڳلي ۾ جهولڻ لڳيون. ڪنچن پنهنجي ڳلي مان سندن ٻانهن ڪڍندي چيو، ”اڙي ٻڙڪي ۽ چنڪي آنٽيءَ کي نمستي ته ڪريو.“ ٻنهي ڪڪين شرمائيندي نمستي ڪئي. هنن کي ڏسندي ئي ڪانتا کي پنهنجي ٻنهي ٻيبين جي ياد اچي ويئي.

هن ڪنچن کان پڇيو، ”ڪنچن، توکي گهڻا ٻار آهن؟“

ڪنچن چيو، ”بس! اِهي جيڪي ڏسين ٿي، سامهون اٿيئي.“

”ڇا تنهنجيون ٻيبيون ڪانوينٽ ۾ پڙهنديون آهن؟“

ڪانتا چيو، ”نه هو لوڪل اسڪول ۾ پڙهنديون آهن.“

ڪنچن ڪانتا ڏانهن مخاطب ٿي چيو، ”ڪانتا خبر اٿيئي ته مان نوڪري ڪندي آهيان. شام جو ٻنهي ٻيبين کي پاڻ پاڙهيندي آهيان. ٻئي ڪلاس ۾ فرسٽ ايندیون آهن. صبوح جو به مان پاڻ کين تيار ڪري سنبرائي موڪليندي آهيان. هن ٽيوٽر ڪونه رکيو آهي. ٻارن کي مائٽ جو پيار سان پالڻ ضروري آهي. اِن سان ٻارن ۾ سٺا سنسڪار ٿا پون ۽ پاڻ کي به سنتوش ٿو ملي ته منهنجو ٻار ڇاٿو پڙهي، ڇاٿو ڪري، ڪٿي جا سنسڪار ٿو اپنائي.“

ڪانتا من ئي من ۾ شرمسار ٿي. هن کي پنهنجي ڇوڪرين ٿي ديا آئي. ڪيس وويڪ وڏ وجهڻ لڳو. هوءَ ڏيئرن کي پاڙهڻ نه ٻري رهي، کين ڇوٽي ڪرڻ لاءِ به ڇڙٻندي

چندر سان ڳالهه ڪندائيس. هن نه 'ها' ڪئي. ڪانتا ڪنچن جي آفيس ۾ نوڪريءَ لاءِ ويئي ۽ ڪيس ملي ويئي. هن پنهنجي ٻارن کي انگلش اسڪول ۾ ائڊميشن ڏياري. روز صبوح جوسويل اُٿي ٻارن کي سنڀرائيندي هئي. شام جو آفيس مان اچي روٽيءَ کان اڳ ٽائيم ڪڍي کين پاڙهيندي هئي.

وقت گذرندي دير ئي نٿي ٿئي. چينا هاڻي سهڻي سٺي ائڪٽو گرئجوئيشن ڪري ايئر هوسٽيس ٿي ۽ ٽينا سا نه وري محنت ۽ لگن سان آئي. اي. ايس. ڪري آفيسر ٿي ويئي. اڄ ڪانتا فخر کان ڳاٽ اوچو ڪري ٿي هلي. کيس اهو محسوس ئي ڪونه ٿيو ته کيس پٽ ڪونهي. ڌيئر نه پٽن کان به وڌيڪ لائق نڪتيون.

ڪانتا ڪنچن کي ڪيئن پالئي سگهندي، جنهن هن کي نئين زماني جي نئين روشني ڏيکاري. سچ آهي جيڪر ڇوڪرو گهر جو ديپڪ آهي ته ڇوڪري گهر جي روشني.

مان نوڪري به اها صلاح ني ڏيان ته ٻنهي ڀيڻين جي پرورش پڻ وانگر ڪري هنن کي به ڊاڪٽري وغيره ڪرائي هنن ۾ سٺا سنسڪار ڀر، جيئن سماج ۽ ديش جي سٺي سيوا ڪري سگهن.

ڪانتا جو چهرو ورڻ ورڻ ٿيڻ لڳو. ڪنچن کان موڪلائي سچو رستو سوچيندي آئي. پاڻ کي قتڪار ۽ ننڍڻ لڳي. ڏس هن پٽ جي موهه ۾ ڌيئرن کي ڪيئن نظرانداز ڪري پيار ممتا ۽ سنڀال کان وانجهي ڇڏيو آهي. ويچارين کي پيئي رڳو ڌنيان. ڪهڙيون نه سدوريون ۽ معصوم آهن منهنجون نياڻيون، ڪيئن نه مما مما ڪري اچي چنبڙن ۽ مان جو ڪين ڏڪي ڪٽي ٿي ڌار ڪريان. نه صرف ڌيئرن تي پر پنهنجي ماءُ جهڙي ممتا جي مورت سس کي به بڍاپي ۾ گهر گرهستيءَ جو جهنجهٽ ڏيئي مان پئي ساڌن پنيان ڊوڙان، وقت ۽ پئسو برباد ڪريان. ڪنچن سچ ٿي چوي، اگر پٽ جي آس ۾ ٽين به ڌيءَ جمي پوي ته پوءِ مان ڇا ڪنديس.

تڪڙن قدمن سان هوءَ گهر پهتي ۽ اچ ٻنهي ڀيڻين کي ڀاڪر ۾ ڀري پيار ڪرڻ لڳي. هن اهو سوچي ڇڏيو ته ٻارن کي سٺي ايڊيوڪيشن ڏيارڻ ۽ گهر جو اِسٽئنڊرڊ ناهڻ لاءِ هوءَ وري نوڪري ڪندي. امڙ ته گهر هوندي ٻه سنڀالي وٺي آهي.

ڪنچن کي ٻئي ڏينهن پنهنجا ويچار ٻڌايائين ته هن ڪيس چيو ته سندس فرم ۾ هڪ اسٽئنوگرافر جي جاءِ خالي آهي.

مينا منوهر جي منهن مان سندس نهبل ڳاڌي جي تعريف ٻڌڻ لاءِ پئي سِڪندي هئي. اِنڪري روز نوان طعامَ لذيذ شيون ٺاهي، پتيءَ ۽ ٻارن کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. پر منوهر ڪڏهن به هنجي ڳاڌي جي ساراهه نه ڪئي. مجال جو 'هون' ڳانسواءِ ڪڍي پنهنجو مون ڏارڻ ٿوڙي.

مينا جي نظر ۾ 'منوهر' هڪ عجيب اِنسان هئو. کِلڻ ڳالهائڻ ته هنجي فطرت ۾ ئي نه هئو. رات جو روٽي کائي هو مگزينن ۾ منهن وجهي ويهي رهندو هو، جڻ اِنهن جو اِمتحان هن کي سڀاڻي ڏيڻو آهي. پوءِ ايندي هئي ٽي. وي. جي واري. هڪ اڌ سيريل ڏسي، کير پي جو وِهاڻي تي ڪنڌ رکندو هو ته ڪونگهرن جو راڄ چالو ٿي ويندو هو ۽ پوءِ نيڪ صبوح جو پنجين بجي ئي هنجي اک کُلندي هئي.

صبوح جو ته هن کي فرصت جو ڪو سوال ئي ڪونه هو. چانهه پي اخبار جو هٿ ۾ ڪڻندو هو ته اکر به اکر چٽي پوءِ اُٿندو هو. پوءِ ٿورو ٽهلي ڪري اچي پنهنجي ننڍڙي باغ جي نظرداري ڪندو هو. ايتري ۾ اچي آفيس جو ٽائيم ٿيندو هوس. جلديءَ ۾ ڏاڙهي لاهي، سنان ڪري، ناشتو ڪائي آفيس ويندو هو.

مينا هن سان ڳالهائڻ لاءِ جڻ پيئي سِڪندي هئي، پر منوهر هڪ وِرڪت ۽ ويراڳيءَ جيان پيو گهر ۾ وقت گذاريندو هو.

مينا اِن باري ۾ سوچڻ وهندي هئي ته هنجون اکيون آليون ٿي وينديون هيون. منوهر هن کي هڪ پٿر دِل اِنسان نظر ايندو هو.

پٿر دِل

مينا رسوئي ٽيبل تي سجائي، پنهنجي جاتل سجاتل سِٽ دهرائي، ”اچو، پريوءَ جا پيارا، اچي پريم سان پريوءَ جو پرساد کائو.“ روٽيءَ لاءِ مينا جي سڏ جو اِهوئي طريقو آهي.

سڀ پنهنجو ڪمرو ڇڏي اچي روٽيءَ لاءِ ڊائننگ ٽيبل تي وينا.

رات جي روٽي سڀ گڏ کائيندا هئا. ڏينهن جو نہ آرتوار کانسواءِ سڀ ڪو پنهنجي ڪم تي ويندو هو. منوهر ٽفن کڻي ويندو هو ۽ ٻئي ٻار منوج ۽ رينا ڪاليج مان اچي الڳ الڳ وقت تي ئي روٽي کائيندا هئا.

روٽي کائڻ وقت منوج ۽ رينا تہ ڪجھ نہ ڪجھ پيا ڳالهائيندا، کِل کِل ڪندا، کِل مزاڪ ڪندا هئا، پر منوهر گهٽو ڪري چپ ئي رهندو هو.

منوج (ڪوفتو وات ۾ وجهندي)، ”واهہ مما، اڄ تہ ڀاڄي هٿ چٽڻ جهڙي ناهي اٿوَ. ڪيئن پپا؟“

منوهر ٻنا منوج ڏانهن نهاريندي، ڳرهہ وات ۾ وجهندي ’هُون‘ ڪئي ۽ چپ رهيو.

رينا ڏهيوَڙن تي هٿ صاف ڪندي چيو، ”واهہ مما، اڄ تہ منهنجي پسند جي شيءِ ٺهي آهي، مزو اچي ويو.“ پوءِ خوش ٿيندي منوهر ڏانهن رخ ڪندي چيائون، ”پپا، توهانکي ڏهيوَڙا خوب پسند آهن نہ؟“ منوهر ڏهيوڙي جو چمچو وات ۾ وجهندي ’هُون‘ ڪئي.

هڪ هي آهن؛ نڪو اٽن ز ال جي چنتا، نڪو ٻارن جو موھ. گهر گرهستيءَ ۾ موھ نہ هجي تہ ماڻهو جيئي ئي ڪهڙي سهاري تي؟

ٽيت تي ٻيڻي مينا جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. مينا ڏنو ٻار ڪاليج مان موٽي آيا آهن. هن يڪدم ڳوڙها اُگهي ورتا.

ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ مينا ڪجھ راحت محسوس ڪئي. پر مينا بہ هئي هڪ پارتيئہ ناري. هن جي اِها خاصيت آهي تہ جيترو سرير مان ڪم نڪري، اوترو سٺو. هن سرير کي نہ اڳ پٺ ٻُنڌن جي حوالي ئي ڇڏيو آهي. هن جو ڇا موھ ڪجي؟

اِهو سوچي هن بخار ڏانهن ڌيان ئي ڪونہ ڏنو. ٽي ڏينهن موڪل هئي ۽ ٻنهي ٻارن کي ڪاليج طرفان هِسٽوريڪل ٽوئر تي اجنتا ۽ ايلورا جون غفائون ڏسڻ وڃڻو هو. مينا اُنهن جي تياريءَ ۾ بخار جي پرواھ نہ ڪئي. ٻارن کي ناشتو ڪرائي روانو ڪيائين مس تہ بيهوش ٿي ڪِري پيئي. اُن وقت صرف منوهر ئي گهر ۾ هو. هن مينا کي کڻي پلنگ تي ليٽايو. منوهر مينا جي حالت ڏسي گهبرائجي ويو ۽ بروقت ڊاڪٽر کي فون ڪيائين.

ڊاڪٽر جاچ ڪندي چيو، ”بخار ۾ لاپرواهي ڪرڻ سبب ٽائيفائيڊ ٿي پئي آهي. مريض کي پوري آرام جي ضرورت آهي. ڪئپسول هر ڇئن ڪلاڪن ۽ ٻيون دوائون بہ وقت تي ڏيڻيون آهن.“

منوهر سِول اِنجنيئر هو. پٽرن سان ڏينهن رات مٿو هڻندي شايد هو بہ پٿر دِل ٿي ويو هو. ڪڏهن مينا سوچيندي هئي، شروع ۾ تہ منوهر اهڙو ڪونہ هو، پر جيئن جيئن ٻار وڏا ٿيندا ويا ۽ مينا وئي اُنهن جون ذميواريون پاڻ تي هموار ڪندي، تيئن تيئن منوهر ويو ٻارن ۽ مينا کان ڪٽجندو.

مينا سوچيندِي هئي تہ پٿر جي آس پاس جيڪا مٽي ٿيندِي آهي، اُن ۾ ڪڏهن ڪڏهن گاهہ جي ساوڪ ڦُٽي ايندِي آهي، پر منوهر تہ چٽنِي پاسي ئي پٿر آهي.

آفيس سانگي منوهر اڪثر ٽوئر تي ويندو رهندو آهي. اڄ بہ هو ٽوئر تي ويٺو آهي، بس، بہ وڳا اٺيچيءَ ۾ وڌا ۽ ٿيو روانو. نڪو زال لاءِ ڪا چِڪ، نڪو ٻارن لاءِ ڪو موهہ. مينا گيٽ تائين هدايت ڪندِي آيس، ”روٽي وقت تي کائيندا“، ”گاڏِيءَ مان هر هر نہ لهندا“، مون پاڻِيءَ جي بوتل بہ اِنڪري رکِي آهي، جيئن توهانکي تڪليف نہ ٿئي. ها ٻڌو- ”پهچندي ئي فون ضرور ڪندا.“

. منوهر جڻ ٻڌِي اڻ ٻڌِي ڪندو رمندو رهيو. ورِي پنيان نہ نهارِيائين.

مينا جو من پرچِي آيو. ٻين جا مرد ڏس تہ ٻاهر وڃڻ مهل موهہ جي زنجيرن ۾ جڪڙجي وڃن. پاڙي واريءَ ڊُروءَ جي مڙس ٻاهر ٿو رهي تہ ٻئي ٽئين ڏينهن فون ڪري ۽ هفتو ئي ڪونہ گذريس تہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني زال کي گهرائي وٺي.

پاريءَ جو مڙس تہ گهر جي موهہ ڪري پروموشن ئي نٿو وٺي.

محسوس ڪندي هئي. هن منوهر جي اکين ۾ درد، تڙپ ۽ پڇتاءُ ڏسي ورتو هو.

بخار ايڪيهه ڏينهن وٺي پوءِ ٽُٽو. اِن وچ ۾ منوهر مينا جي من جا سڀ ڦُرنا ۽ پرم مِتائي چڏيا هئا.

ايڪيهن ڏينهن ڪانپوءِ مينا اڄ ڌرتيءَ تي پير رکيو آهي. منوهر هن کي سهارو ڏيئي بيهاريو آهي ۽ هاڻي پنيءَ کان پاڪر ۾ پري سهاري سان هن کي هلائي رهيو آهي. جيئن ٻار هلڻ سِکندو آهي، منوهر بہ مينا کي هڪ هڪ پير هلائي ٿو.

منوهر جي من جو بار مينا جي نيڪ ٽيڪ سان هلڪو ٿي ويو آهي. مينا جڻ آسمان ۾ پيئي اُڏامي. هن تہ منوهر کي پٿر دِل، سَوِيماني، نِرموهي، رُکو ۽ ويراڳي وغيرهہ لقب ڏنا هئا؛ سي سڀ اڄ ڪوُڙا ثِد ٿيا هئا.

مينا منوهر جي ڪوملتا جو اندازو لڳائي ورتو هو. منوهر جي من ۾ هن لاءِ ڪيڏو نہ پيار ۽ صدق هو، جو لڪل هو پر اڄ نکري ظاهر ٿيو هو.

پٿر جي چٽني پاسي جڻ سائي گاهہ جا ٿلا ڦُٽي نڪتا هئا.

منوهر مينا کي خوش ڏسي، پاڻ بہ خوش آهي. هنجي وهنوار ۾ زمين آسمان جو فرق اچي چڪو آهي.

پرسڪرپشن لکي ڊاڪٽر هليو ويو. منوهر دوائون گهرائي ورتيون.

مينا جي هيءَ حالت ڏسي منوهر روئڻهارڪو ٿي ويو. مينا مچ بخار ۾ اونگهه پيئي هئي. منوهر مينا جي بيماريءَ ۾ پاڻ کي ڏوهي پيو سمجهي. کهڙو سک ڏنو آهي هن مينا کي؟

من ۾ هن پرڻ ڪيو ته پنهنجي شيوا سان مينا کي نيڪ ڪندس.

رات جو مٿي تي پٽيون رکي ۽ وقت به وقت تتل مٿي تي ٿڌي هٿ جو اِسپرش مينا محسوس ٿي ڪيو. پر تي ڏينهن هنجي اک نه کلي.

جڏهن اک کُليس ته رات جا ٽي لڳا هئا. منوهر ڪرسيءَ تي ئي جهوٽا پئي کاڌا. مينا منوهر کي اُٿاريندي چيو، ”توهان هاٺي وڃي سمهو.“ پر منوهر چُريو به ڪين. چي- ”ڪئپسول چئين چئين ڪلاڪن ۾ ڏيڻو آهي.“

مينا خماريءَ ۾ سُمهي پئي، پر منوهر جي ننڊ اُڏامي وئي. مينا جي بيماريءَ جو ذميوار هوُ پاڻ کي سمجهي رهيو هو. هن جي بي رخيءَ کي برداشت ڪري ڪري آخر مينا بيمار ٿي پئي آهي.

چوندا آهن ته هر غلطي پراشچت ڪرڻ سان معاف ٿي ويندي آهي.

منوهر مينا جي صبوح کان رات تائين سچي لگن سان شيوا ڪئي. هروقت پيار پريو اِسپرش هوءَ مٿي تي

وقت ماءُ ساں گڏ بيءُ جو پارٽ بہ ادا ڪرڻو پوندو آهي. گوپ تمام سنجيدو ۽ سُلجهيل اِنسان آهي. هوُ پڻ مڌوءَ ۽ ٻارن سان ننڍڙي گرهستيءَ ۾ تمام خوش آهي. چوندا آهن تہ اڪيلائيءَ ۾ ئي اِنسان کي پاڻ کي سُڃاڻڻ، سمجهڻ ۽ سوچڻ جو وقت وڏيڪ ملندو آهي. اُن وقت ئي ڪير سوچيندو آهي تہ منهنجو جيون سارٿڪ آهي يا نہ؟ مون جيون ۾ ڇا پاتو، ڇا وڃايو؟ منهنجي هستي ڪهڙي آهي؟ مڌوُ بہ اِهي ويچار ڪندي گهر جا ڪم جلد جلد نبيرڻ لڳي. ايتري ۾ مونوءَ جي اسڪول مان اچڻ جو وقت بہ اچي ٿيو. مونوءَ جي ايندي ئي هن جو ڪم پاڻ وڌي ويندو. ڇو جو مونوُ ايندي ئي ڪتاب بستري تي اُڇلي، پلنگ تي پهرين تہ بوٽ سميت ليٽي پوندو آهي. پوءِ ٽي. وي. آن ڪري پروگرام جو جائزو وٺندو آهي. جيڪر هن جي من مطابق پروگرام هوندو تہ پوءِ تہ روٽي بہ پلنگ تي ويندو، جيئن ڪو ميچ يا ڊانس پروگرام يا پڪچر.

پوءِ تہ مڌوُ سڏ ڪنديس پر ڇُرندو ڪونہ. آخر ٿالهي آڻي مڌوءَ کي ئي پلنگ تي کاڌو ڏيڻو پوندس. پوءِ تہ اکيون ٽي. وي. ۾ کُپائي رکندو ۽ پيو کائيندو. ماءُ کان پڇندو بہ ڪونہ تہ ممي توهان روٽي کاڌي يا نہ؟ جڏهن هن کي خبر آهي تہ مڌوُ هن لاءِ ترسندي آهي.

مڌوءَ کي ڊائننگ ٽيبل تي اڪيلو ئي روٽي کائڻي پئي. ڏينهن جو مڌوُ پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪندي آهي جو صبح کان گهر جي ڪم ۾ جنبي پئي هوندي آهي، ”مونو، تون بہ اچي مون سان هت آرام ڪر“، پر مونوءَ کي

وقت جي رفتار

”سونُو! او سونُو، جلد اچي ناشتو ڪر، تنهنجي ڪاليج جو وقت ٿي ويو اٿئي.“ مڌوءَ سنيتا کي سڏ ڪندي چيو.

سنيتا مادرن فيشن جي ڪپڙن ۾ سجيل ڏڙ ڏڙ ڏاڪڻ لهي آئي. هٿ ۾ ڪتاب، ڪلهي ۾ لٽڪيل ننڍڙو پرس. ڦڙتيءَ سان ڊائننگ ٽيبل تي ويهي ڊبل روٽيءَ جي سلائيس تي مکڻ لڳائي ٻه سلائيس گڏي هڪ چڪ هنيو ۽ پوءِ ٽٽ ٽٽ ڪري جو گلاس پي باقي سلائيس هٿ ۾ کڻي کائيندي ڦڙت قدمن سان ٻاهر ڀڄندي ويئي، ”ٽاٽا ممي، باءِ“ ۽ اسڪوٽر کي ڪِڪ هڻي نڪري ويئي.

منوُ ته سنيتا کان ٻه سال ننڍو آهي، اجا ٻارهين ۾ پڙهندو آهي. سو ته صبح جو جلد ئي اسڪول هليو ويندو آهي.

ٻه ٻار ئي آهن گهر جي شان. مڌوُ ٻنهين جي پالڻ پوشڻ پڻ شاندار ڍنگ سان ڪري رهي آهي. سنيتا کي پيار سان گهر ۾ سونُو ۽ منوءَ کي مونُو ڪوٺيو ويندو آهي.

ٻنهين جي وڃڻ کانپوءِ مڌوُ اڪيلي رهجي ويئي. گهر سان۽ سانءِ ڪري کائڻ لڳس. مڌوُ پڙهيل ڳڙهيل سمجهدار گرهڻي آهي ۽ سڄي گهر کي ئي سمرپت، پتيءَ ۽ ٻارن کي وقت تي روٽي، شيوا ٽهل ئي هن جي جيون جو مقصد آهي. بدلي ۾ پتيءَ ۽ ٻارن جو پيار پائي ئي هوءَ سنتشت آهي.

گوپ ٻالاڻي سٺي وڏي عهدي تي هئڻ سبب گهڻو ڪري ٽوئر تي رهندو آهي. اِنڪري مڌوءَ کي ئي وقت به

پر مجال، جي ڪنهنجي ڳالهه ماءُ اڳيان ڪري ٿي! سڀ ڄڻا ٻُڌي وٺو اهو ٻڌي مٺوءَ اڳي کان ئي مناسب سمجهيو. هوءَ ڪمري کان ٻاهر نڪري ڪنهن ٻئي کي چيو. مٺوءَ کي اڄ جي پيڙهيءَ جي ٻارن تي عجب لڳي ويو. ٻار هن کي پنهنجي خوشيءَ ۾ به شريڪ نه ڪري سگهيا.

اِنهن ڳالهين مٺوءَ جي دل ۽ دماغ تي گهڻو اثر ڪيو هو. هن گوپ کي پڻ اِن باري ۾ ٻڌايو هو، پر گوپ اِن ڳالهه کي سنجيدگيءَ سان نه وٺي مٺوءَ کي پاڪر پائي سمجهائيندي چيو، ”مٺوُ! هيءُ اڄ جي زماني جو جنريشن گئپ آهي. ٻار اڄ وڏا ٿي ويا آهن، هوُ ٻچپن جي ريکا پار ڪري ڪشور وَهيءَ ۾ اچي چڪا آهن. جنهن عمر ۾ هوُ آزادي ٿا چاهين، پنهنجي الڳ هستي قائم ڪرڻ ٿا چاهين، پنهنجي چاهتن ۽ اُميدن کي ڪئنواس تي سندر چٽساليءَ سان سجائڻ ٿا چاهين.“

مٺوءَ جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ”ته ڇا ٻار اسانجي هٿن مان نڪري ويا آهن؟ هوُ اسانجو ته ڪو سڏ ئي نٿا ٻڌن! ڪنهن گهر جي ڪم ۾ چاهه ئي نٿا وٺن. گهر جي ڪم ۾ ڪا مدد ئي نٿا ڪن، نه ڪو وري ڪا زميداري محسوس ٿا ڪن.“

گوپ مٺوءَ کي پيار سان پاڪر ۾ ڀريندي ڳوڙها اُگهندي چيو، ”پڳلي، اِهو نه سوچ. ڏس جهرڪيون ڪيئن نه ننڍن ٻارن کي هڪ هڪ داڻو وات ۾ ڏينديون آهن، ليڪن پر ايندي ئي اُهي ٻار اِئين اُڏامي ويندا آهن، ڄڻ ڪِ هوُ ننڍا هئا ئي ڪونه. هي ته انساني ٻار آهن. ها، مٺوُ! هڪ ڳالهه

ٿي. وِي. جي ڏيان ۾ نند ڪئي. ۽ پوءِ ٿڪجي اُني ئي سُمهي پوندو، ماءُ وٽ وڃڻ جي ضرورت ئي محسوس ڪونه ڪندو.

شام جو به جيڪر مڏوُ ڪو ڪم مونوءَ کي چوندي ته يا ته هوُ اِستيريو سان گڏ پاڻ به پيو نچندو ۽ ڳائيندو يا ته دوستن سان ڪرڪيٽ راند ڪرڻ نڪري ويندو يا پڪچر ڏسڻ هليو ويندو. پوءِ ڏيئن برئي ايندو ته ٿورو هوم ورڪ ڪري روٽي کائي سُمهي پوندو.

سونوُ به شام تائين ايندي ته سينڊل ڪٿي ته پرس ڪٿي، ڪتاب ڪٿي ته ڪپڙا ڪٿي. اچي ڊائننگ ٽيبل تي ڪا مخزن کڻي وهندي. جيڪا فلم فيئر يا اسٽاربسٽ ئي ٿي سگهي ٿي. چانهه ناشتو ڪندي ويندي ۽ ڌيان هوندس مخزن ۾. شام جو يا ته ساهيڙيون هن وٽ يا پاڻ ساهيڙين وٽ. ڪڏهن ڪم ۾ ماءُ جو کڻي هٿ وٺائي، اِنجو ته سوال ئي ڪونه ٿو اُٿي.

سونوءَ جي ’برٿ ڊي‘ تي پارٽيءَ جو بندوبست ڪيو ويو. هن جون ساهيڙيون ڪافي ماڊرن لباس ۾ سهي سنبري آيون هيون. هال ۾ ڪافي شور شرابو هو. خوب ڇهڇٽا ۽ کِل خوشيءَ ۽ ڪهڪهن جا ڦهارا هلي رهيا هئا. مڏوُ به اُنهنجي وچ وچ ۾ وڃي، ڪجھ من بهلائڻ لاءِ ۽ اُنهنجي ڳالهين ۾ بهرو وٺڻ لاءِ هنن جي پر ۾ اچي ويٺي. پر هي ڇا؟ سڀ ساهيڙيون اِئين چپ ٿي ويون، جيئن ٽيچر جي اچڻ تي ڪلاس ۾ خاموشي ڇانئجي وڃي. اِن تي مڏوُءَ مسڪرائيندي چيو، ”هن هفتي توهان ڪهڙي نئين پڪچر ڏسڻ وڃڻا آهيو؟“

واسوائيءَ جون سماج لاءِ شيوائون. اِهي قصا تيستائين هلندا هئا، جيستائين ٻارن کي ننڊ نه اچي وڃي.

شام جو به ٻار ٻاهر راند ڪرڻ گهٽ نڪرندا هئا، اڱڻ ۾ ئي ماءُ سان لِڪ چِپ راند، منڊڪمنڊي، ڦِر ڦِر سونٽو ڊبلي تي چِٽڪي، نوڙِيءَ راند، گڏو ءِ گڏِيءَ جي راند ۾ ماءُ سان ئي ڇهتيا پيا هوندا.

رات جو به تيستائين ڪونه سُمهندا، جيستائين مڏوُ پنهنجي منڙي آواز ۾ اُنهن کي لورِي نه ٻڌائي سُمهاري :

منهنجي ٻارڙي کي لوڏيو،

مان پاٺي پرڻ تي وڃان.

اڄ اُهي ئي ٻار ’گڊ نائيٽ‘ ڪري پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ٿا سمهن ۽ هنن کي ماءُ جي درڪار ئي ڪونهين.

مڏوءَ کي لڳو وقت جي رفتار هن جي مٺ ۾ پيل ريت وانگر کسڪندي هن جي مٺ خالي ڪري رهي آهي. هن جي اڪيلائي ڏينهون ڏينهن وڌندي ويئي.

ڪڏهن هوءَ سوچيندي هئي ته هوءَ سوشل ائڪٽوٽيز ۾ ڀرو وٺي اڪيلائي دور ڪري ٿي سگهي. پر هوءَ اِن ڳالهه لاءِ پاڻ کي تيار نه ڪري سگهي. هن کي سَهي سنبري وقت به وقت گهر کي درڪنار ڪري ٻاهر وڃڻو پوندو، اِهو هنجي بوتي کان ٻاهر هو. پٽيءَ ۽ ٻارن جي شيوا ۾ ئي سچو سک هو. ٻاهرين چمڪ دمڪ ۽ ڏيک ويک هن کي بلڪل پسند نه هو.

ياد رک، کنهن مان بہ گهٽي اُميد جي چاهہ يا اِڇا رکڻ
جي ڪوشش نہ ڪر، نہ تہ هيڪاري دک ٿيندينءَ. اِهو ڪان
هي بيڪار ويچار ڇڏي ڏي. ٿيءُ تنهنجي من جو پرم آهي
پيو ڪجهہ بہ نہ.“

مڏوُ گوپ جي ٻالهين سان ڪي قدر تسمت هئي ۽
پنهنجي من ۾ سنتشٽ ٿي ويئي. پر بئي ڏينهن ورِي
اڪيلائيءَ ۾ هنکي سوچڻ جو موقعو ملندي ئي ورِي سوال
گول گهيرو ڪري اچي هنکي ستائڻ لڳا.

هنکي ياد آيا ٻارن جا اُهي پويان ٻچپن جا ڏينهن
جڏهن ٻار هڪ پل لاءِ بہ هن کان پري رهڻ نہ چاهيندا هئا.
اسڪول وڃڻ وقت جيستائين پاڪر پائي مميءَ کي پپي نہ
ڏيندا هئا تہ در کان ٻاهر ئي نہ نڪرندا هئا. منجهند جو
روٽي بہ ماءُ جي هٿ سان ئي کائيندا هئا. جيڪو پهرين
روٽي کائي اُٿندو هو، اُهو ماءُ کي چنبڙي پوندو هو، ”ممي،
مون پهرين روٽي کاڌي، مون آگ ڏني، مان پهريون. ۽ بئي
مڏوُءَ جي گود ۾ لِڪي ويندا هئا.“

روٽي کائي ليٽڻ تي ٻئي ٻار ٻنهين پاسن کان ليٽي
پوندا هئا ۽ آکاٽي ٻڌايو چئي، سِر کائي ويندا هئا. هوءَ روز
آکاٽيون ڪٿان آڻي؟ هوءَ پوءِ دنيا پر جا قصا ٻارن کي ٻڌائي
سُمهاريندِي هئي. جادوگر جا قصا، ڀڳت ڪنوررام جي جيون
جون وارتائون، هيمون ڪالاڻيءَ جي شهادت، سوامي ليلاشاه
جي مهانتا، سوامي ٽيئونرام جي ڀڳتي، ساڌو ٽي. ايل.

جي مٿي کي زور پيو ڏئي ته ڪڏهن ننڍن کي. هر هر پڇيس پيو، ”مما، هاٿي دوا مان بخار ڏرو اٿو يا نه؟“

ٻئي ڏينهن سونوءَ مونوءَ کي ناشتو ڪرائي اسڪول موڪلي ڇڏيو. ماءُ لاءِ پَٽ ناهي هنن کي ضد ڪري ٻارن وانگر ڪارايو. وري ٻنهين لاءِ روٽي ناهي. سڄو وقت هوءَ رسوئيءَ ۾ ڪم ڪندي رهي.

چوٿين ڏينهن تي مڏوُ ڪجهه ٺيڪ نظر آئي. بخار لهي ويو هوس پر ڪمزوري باقي هئس. سونوُ چئن ڏينهن کان ڪاليج ئي ڪونه ويئي. مونوءَ جي اسڪول مان اچڻ تي هوُ ماءُ کي ٺيڪ ڏسي اچي هن کي چنبڙيو، ”مما، توهان هاٿي ٺيڪ آهيو نه؟ مما ديدي ته پاڄيءَ ۾ لوڻ وجهڻ ڀلجي ويندي آهي، چانهه ۾ کنڊ ندارت.“ اِهو ٻڌي سونوُ هن تي اُلر ڪندي آئي.

۽ مما مزي جي ڳالهه ٻڌايانوَ، ”ديديءَ جا ڦلڪا جهڙو هندستان پاڪستان جو نقشو.“ اِن تي ته سونوُ ويلڻ کڻي اچي پنيان پيس. مونوُ ويچارا ڏيندو ڀڄندو ويو ۽ سونوُ هنجي پنيان آخر مونوُ ماءُ جي ڳود ۾ اچي لڪو. مڏوءَ ٻنهين کي کڻي پنهنجي هنج ۾ لڪايو.

اڄ هنکي احساس ٿيو ته وقت جي رفتار سان ٻار وڏا ضرور ٿيا آهن. باقي بدليو ڪجهه ڪونهين. ٻار هنکي اوترو ئي پيار ٿا ڪن، جيترو ننڍپڻ ۾ ڪندا هئا.

مڏوءَ واري واري سان ٻنهين جي پيشاني چمي، هنن کي ڀاڪر ۾ کڻي ڀريو. اڄ هنجي خوشيءَ جو پار نه هو.

ڏينهن گذرندا رهيا، سيارو اچي ويو، مڏوءَ کي صبح کان مٿو ڳرو پئي لڳو. هوءَ رضائي پائي ليٽي پئي، جنهنجي تڪليف وڌندي ويئي.

مونوُ اسڪول مان آيو ته مڏوءَ هن کي سڏ ڪري چيو، ”مونوُ پٽ! هڪ مٿي-سور جي گوري ته آڻي ڏي.“ مونوُ ته پنهنجي اِسٽيريو سان ڳائڻ ۾ مشغول هو، ٻڌي اڻ-ٻڌي ڪري ڇڏيائين.

سونوءَ جي ڪاليج مان اچڻ تي جڏهن هن کي چانهه ناشتو ٽيبل تي نه مليو ته هوءَ پير اُڇلائيندي ڌم ڌم ڪندي ماءُ جي ڪمري ۾ پهتي، رضائي ڇڪيندي چيائين، ”ممي، توهان هتي آرام سان سمهيا پيا آهيو، مون کي چانهه به نٿا ڏيو.“

مڏوءَ ۾ نه ڳالهائڻ جي همت هئي، نه اُٿڻ جي طاقت ڪري سو ڪري ڇا؟ سونوءَ جان ڪٽي ماءُ جو هٿ پڪڙيو ته بخار ۾ مچ ٻرندو ڏسي حيران ٿي ويئي. ”مما، توهان کي ته مچ بخار لڳو پيو آهي، توهان ٻڌايو ڇو ڪين؟“

مونوُ به ڊوڙندو آيو ۽ ماءُ کي بخار ۾ ڏسي ڊڄي ويو. هن محسوس ڪيو ته ڪجهه وقت اڳ ميءَ سڏ به ڪيو ته هن اڻ-ٻڌي ڪري ڇڏي هئي، هن کي اِنجو پڇتاءُ ٿيڻ لڳو.

مونوُ جهٽ ڊاڪٽر کي وٺي آيو، پريسڪرپشن مطابق دوائون اچي ويون ۽ سونو اُهي دوائون وقت به وقت مڏوءَ کي ڏيندي رهي. هر وقت ماءُ جي تيمارداريءَ ۾ حاضر رهي.

مونوءَ کان ته راند روند به وسري ويئي. هوُ ڪڏهن ماءُ

چندرو- ”امان، اڄڪلهه ڇوڪرا ڇوڪرين برابر آهن پاڻ ڇوڪرين مائٽ پيءُ جي وڏيڪ شيوا ڪن ۽ پاڻهن ٻيلي ٿيون ٿين. ڏسو نه توهان جون به ته ٽي ڌيئر آهن، اُهي توهان کي ڪيڏيون نه مٺيون آهن.“

چانديءَ سندس ڌيئرن جو ذڪر ايندي چپ ٿي ويئي. پر نوڙهن کي نه سڄو ڪيهه ڪارايائين، نه لڏون. نه دل سان ڪا شيوا ڪيائينس. ٻارهين ڏينهن ئي سنان ڪرائي رسوئي هن جي حوالي ڪري ڇڏيائين.

راڌا گريجيوئيٽ هئي ۽ اسٽئنو ٽائيپسٽ پڻ. ڪنواري نه هوءَ نوڪري به ڪندي هئي پر شاديءَ کانپوءِ ڇڏي ڏنائين.

راڌا کي پيڪن جي ياد اچي ويئي. اڪين مان ڳوڙها ريلا ڪري وهڻ لڳس. هن جي پيڪي گهر ته سڀ فارورڊ هئا. هن جي مائٽ پوٽن پوٽين ۾ فرق نه سمجهندي هئي. هنن کي برابر سمجهندي هئي. نوهرن کي به اِئين پائيندي هئي جڻ ڌيئر هجن.

چندرو مائٽ جو سڪيلڌو پٽ هو. جيڪر به ٽي پائر هجن هان ته چانديءَ واري وتيءَ سان وچي ڪڇ وقت هرهڪ وت رهي هان پر هاڻي نه راڌا لاءِ ڪا واهه ئي ڪونه هئي.

هيڪ سس سڄو ڏينهن نوڙهن جون ويڪون پئي ڪڍندي هئي ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پاڙي وارين سان وچي ڪچهريون ڪندي هئي.

راڌا گهر، ٻار، ٻچي ۽ سس سڀني جي شيوا پئي

نئون دؤر

”امان واڌايون هجنو گهر ۾ لڇمي آئي آهي.“

نرس جا اِهي اکر ڪنن ۾ جڻ زهر اوتي ويا. چانديءَ جو بدن ڪنڊارجي ويو. هوءَ ٻئي هٿ مٿي تي رکي روئڻ لڳي، ”هاءِ ڀورين ٿي ڌيءَ جائي، ڳل نه تربو ڪين.“

چاندي چانديءَ جي ڪلدارن جي جيڪا ڳنڍ ٻڌي آئي هئي، چوڙي نه سگهي. ڊاڪٽر، نرس يا نوڪرن کي خرچي ڌيءُ ڄمڻ تي نه، صرف پٽ ڄمڻ تي ئي ملندي آهي.

راڌا ڏنو ته سس جو ٻوٿ سُڄيل هو. منهن تي جيڪا مرڪ ويم کان اڳ هئس، غائب ٿي وئي هئس. ٽي ڏينهن ته اسپتال ۾ هوءَ چپ رهي، پر جيئن ئي گهر آئي ته سڄي ڪاوڙ چندروءَ تي اچي ڪڍيائين.

ڇٺيءَ جي ڏينهن چندروءَ دوستن کي پارٽي ڪرائڻ جي پيشڪش ڪئي ته چاندي هيڪاري اچي ڪُلي. چي- ”وڏو ٻورُ چڙهيو اٿائين جو داوتون ڪندو. اڙي ڏئي هان ڪو پٽڙو ته مان ئي شهنايون وڄارايان هان.“

چندرو- ”پر ٻه امان اِها ڪنهنجي وس جي ڳالهه آهي جو پٽ ئي ڄڻيندو، ڌيءُ نه.“

چاندي- ”مون ته پنڊتن کان جاپ ڪرايا هئا، جيئن پٽ ئي ڄمندو. هِن جا ئي ڪرم خراب هوندا. لڇڻ ته سڀ پٽ جا هئس.“

بہ توهان کان نفرت ڪئي هان تہ توهان تي ڪهڙو اثر ٿئي ها؟ ڀيو تہ توهان بہ تي ڏيئر جڻيون آهن، ڇا اُهي توهان کي ڪوڙيون آهن؟''

مٿين سيني ڏليلن سان چانديءِ سهمت تہ هئي پر تہ بہ پوتيءَ لاءِ هن جو من نہ پيو مڃي.

روپا جي ڄمنديءِ ئي چندروءَ کي پرموشن ملي ويو. چندروءَ کي پڪ ٿي ويئي تہ برابر نياڻيون لڇميءَ جو روپ ٿينديون آهن. خوشيءَ مان ماءُ کي چيائين، ''ڏنوَ امان، مون کي روپا ڄائي ڪانپوءِ ڪيڏو نہ فائدو ٿيو آهي. پنج سوَ روپيا هر مهني جو فائدو. چوندا آهن تہ ايشور جنم کان اڳ ئي هنجي ڀاڳ جو اِنتظام ڪري ڇڏيندو آهي. هيءَ بہ پنهنجو ڀاڳ پاڻ سان کڻي آئي آهي. سچ آهي تہ جنهن کي سواس ڏنو ٿو ڏئي، تنهن کي گراس بہ ڏئي ٿو.''

اهڙيءَ طرح ٻنهين ڇوڪرين جو لالن پالن چندرو تمام سٺي ڍنگ سان ۽ پيار سان ڪندو هو. پٽن جي هنکي تمنا ئي نہ رهي. ٻالڪيون بس ڏاڏيءَ جي پيار کان وانجهيل هيون، تہ بہ ڏاڏيءِ جي دل جيتڻ جي ڪوشش ڪنديون رهنديون هيون.

ٻئي ٻالڪيون سٺن اسڪولن ۾ پڙهي تمام هوشيار ۽ لائق ثابت ٿيون.

وقت وينديءِ ديرم ئي نہ ٿي. سونا ۽ روپا اڄ ننڍيون سيان وڏيون ٿي ويون.

ڪندي هئي. لڳ ته ڪچا هئس ۽ وڃڻ ڪانپوءِ آرام به ڪونه مليس ته هوءَ ڪمزور ٿي ويئي ۽ هن کي بخار اچڻ لڳو.

چندرو راڌا جي بيمارِيءَ جي دوا ته ڪري ٿي سگهيو پر من جي بيمارِي ڪيئن وڃين؟

وقت ويو گذرندو. سونو به اچي ٽن سالن جي ٿي. هاڻي هوءَ اسڪول به وڃڻ لڳي ته چانديءَ کي پوٽي جي چاهه ٿي.

راڌا ورِي اُميد وارِي ٿي، پر شرم کان ٿي چار مهينا ته ڪنهن سان ڳالهه ئي ڪونه ڪيائين. جڏهن چندروءَ کي خبر پيئي ته هن راڌا جي سونوگرافي ڪرائي، جيئن ماءُ جي چئي پٽاندر پٽ ئي ٿي سگهي. سونوگرافيءَ مهل به راڌا سان گڏ چانديءَ کي ئي موڪليو ويو. سونوگرافيءَ ۾ ڇوڪريءَ جائي لڇڻ ڏسڻ ۾ آيا ته چانديءَ جا ته په به ويا ڇهه به. هوءَ ڊاڪٽر کي چوڻ لڳي ته هنجو ڪو علاج ڪر، ڇو جو اسان کي ٻي ڇوڪرِي نه کپي. ڊاڪٽر سمجهايس، ”پهرين ڳالهه ته هاڻي دير ٿي ويئي آهي، ابارشن ۾ جان جو خطرو آهي. ٻيو ته پٽ ڄڻ ۾ مرد تي ئي دارو مدار آهي. سائنسدانن اِهو ثابت ڪيو آهي. اِنڪري عورت جو اِن ۾ ڪو ڏوهه ڪونه آهي.“

گهر اچي چانديِ چندروءَ سان بحث ۾ اچي پئي. چندروءَ چيو، ”امان، توهان ڇوڪرين مان ناراض ڇوٿا ٿيو؟ ڌيءَ ته مونکي ڄمندي نه؟ توهان تي ڪهڙو بار پوندو؟ ڀلا توهان به ته ڪنهنجي ڌيءَ ئي آهيو. جيڪر توهانجا ماءُ پيءُ

جي ڪم پنهنجي هٿ سان ڪندي هئي. ڏاڏيءَ کان هروقت پئي پڇندي هئي، ”امان ڪا تڪليف ته ڪونه اٿوَ؟“

شام جو اسپتال مان موٽڻ مهل موسميءَ جو جوس ڪڍائي ايندي هئي ۽ ڏاڏيءَ کي هٿن سان اچي پياريندي هئي.

ڏاڏيءَ کي احساس ٿيو ته پوٽو به شايد منهنجي ايڏي سار نه اچي لهي ها، نه شيوا ڪري ها جيڏي پوٽي ٿي ڪري.

ڏاڏيءَ لاءِ نرس به رکي ويئي هئي، پر رات جي وقت سونائي ڏاڏيءَ جي ڏاڍي سنڀال ڪندي هئي. هنجي رات جي ننڊ پڻ ڦٽندي هئي پر چوندا آهن ته پريم ۾ سڀ جائز آهي.

ڏيڍ مهني کانپوءِ ڏاڏيءَ جو پٽو کليو. سونا ٻارن جيان ڏاڏيءَ کي آهستي آهستي پنڌ ڪرائيندي هئي. اِن ڪم ۾ هوءَ بلڪل خفا نه ٿيندي هئي ۽ هڪ ڏينهن اهڙو آيو جو ڏاڏي جهڙي هئي. تهڙي جانني ٿي ويئي.

هاڻي ڏاڏيءَ پوٽيءَ جو پريم ڏسڻ وٽان هو. ڏاڏي تر مان تر سونا روپا کي پنهنجي هٿن سان کارائيندي هئي ۽ نري پوندي هئي.

روپا کي ڪليڪٽر ٿيڻ تي هن کي شاهي بنگلو مليو. ڪار ۽ نوڪر چاڪر مليا. هاڻي سڀ وڏي بنگلي ۾ شفٽ ٿي ويا.

سوين ماڻهن روز روپا وٽ ڪا نه ڪا فرياد کڻي ايندا هئا. ڏاڏي اُنهن ماڻهن جي سفارش ڪندي هئي. روپا به

سونا سوال سرجهي نهي ويٺي ۽ رڙ ڪئي ڪئي. ڪجهه ڏينهن اڳ رات جو جڏهن ڏاڏي سنان ڪرڻ ۾ ويٺي نه پاٿيءَ تي ترڪڻ تي هن جو پير ترڪي پيو. ڌوءَ ڏوُ وڃي ڪري. هن جي مُنهن مان رڙ نڪري ويٺي - ”اڙي مري ويس، گهوڙا ڙي ظلم تي ويو.“

سونا روپا نه ڏاڏي جي ڪمري ۾ ئي سُمهنديون هيون هڪدم جاڳي پيون. ڏاڏيءَ کي ڪِريل ڏسي گهبرائجي ويون. هن کي ڪڻي آڻي پلنگ تي ليٽايائون پر ڏاڏيءَ جي رڙ هيٺ رڙ مٿي پئي پوي.

سونا جاچ ڪري ڏٺو نه سمجهي ويٺي نه امان جي ٽنگ جي هڏي ڀڄي پيئي آهي. بس پوءِ نه هن ڊاڪٽري پينترا هڻڻ شروع ڪري ڇڏيا. جلد اسپتال مان ايمبولنس گهرائي اُن ۾ ڏاڏيءَ کي اسپتال وٺي ويا. ڊاڪٽرن ايڪسري ڪري پتو ڇاڙهي ڇڏيو. ٻن ٽن ڏينهن ڪانپوءِ امان کي گهر ڪٺائي آيا.

اِن وچ ۾ امان کي جاڻ پئي نه سونا هنجي پوٽي وڏي ڊاڪٽر آهي ۽ هن جي ڪري ئي اسپتال ۾ سڀ ڊاڪٽر هن کي امان امان ڪري پيا ڪوٺين ۽ هر هر ڏسڻ پيا اچن، پريم سان پيا ڳالهائين. نرسون به وقت سِر دوا ڏيئي حال چال پيون معلوم ڪن.

گهر ۾ به سونا ڏاڏيءَ جي تيمارداري تمام پنهنجپائيءَ سان پئي ڪندي هئي. هٿ سان دوا ۽ گوريون ڏيڻ، سوَر وڏڻ تي سُيون هڻڻ، رات جو ننڊ نه اچڻ تي ننڊ جي دوا ڏيڻ

اِنسانيت جي راهه

اڄ ڪرمونءَ جي پٽ جي شادِي آهي. ٽن ڏينهن کان شادمانا ٿِي رهيا آهن. راڳائڻو ويهي ويا آهن، مٺاين جي خوشبوءِ سان واتاورڻ ترٻتر لڳو پيو آهي. شرنايون پنهنجي سُريلن سُرن سان سِيني جي ڪنن ۾ مڌر سُر آلاپي رهيون آهن. ڪيترن ڏينهن کان ٿي شادِيءَ جي تياري ڪجي، تڏهن اچي ٿو هيءُ ڏينهن ڏسڻ نصيب ٿئي.

ڪرمونءَ جو سچو نالو ڪرمچند. هن شادِيءَ ۾ صرف ڪرمچند ئِي مشغول نه آهي، هن جا ٿي دوست پڻ هن سان اوترا ئي ڀاڱي ڀائي آهن.

”گهوٽ جي گهوڙِيءَ تي چڙهڻ جي ويل ٿي وئِي آهي.“ بلوُ چوندو آيو، جڻ ڪرمونءَ کي سُجاڳ ڪندو آيو. هن جو چهرو پگهر سان تَر هو.

”پر بہ بلو تون اچين ڪٿان پيو؟ تڪلءِ تڪڙ ۾ پيو لڳين؟“

”پلجي وئين يار، گهوڙِيءَ، بئنڊ ۽ بتين جو بندوبست ڏسڻ ويو هوس، ڏس ڌر تي گهوڙِي بيٺِي اٿئي.“

بلوُ آهي سردار بلونت سنگهہ، ڪرمچند جو لنگوٽيو يار! آهي تہ سردار پر دل جو ڪشادو.

اجا اِهي ڳالهيون پئي ٿيون تہ نوُرو بہ اچي سهڙيو. جي مالهائن ۽ گلن جو بندوبست ڪري پيو اچان ۽ سِپاٽي جي دعوت جو بہ سمورو بندوبست ٿِي ويو آهي. نوُرو آهي ڪرمونءَ

ڏاڏيءَ جي عزت رکندي هئي ۽ جنرو تي سڳهندو هوس، غريبن جي مدد ۽ ڏکين جا ڏک دور ڪندي هئي، اُنهن کي نياءُ ڏياريندي هئي، اِن تي هن کي دعائون ملنديون هيون.

پوٽين کي خوشي هئي تہ هنن ڏاڏيءَ جو من جيتي هن جو پيار حاصل ڪري ورتو هو.

هاڻي تہ گهڻيئي مائٽيون ڇوڪرين لاءِ اچڻ لڳيون. پر ڇوڪرا ڏاڏي پهرين ڏسندي هئي. چوندي ”هو ٻاندر ڪندو منهنجي سونوءَ سان شادي؟ اڙي منهن ڏنو اٿائين آرسيءَ ۾.“

”ڦلاڻو تہ روپا جي جتيءَ جي برابري بہ نٿو ڪري سگهي.“

هاڻي پوٽيون هن کي پوٽن کان بہ وڌيڪ مٺيون هيون.

هڪ ڏينهن سونا ڏاڏيءَ کي چيڙيندي چيو، ”امان، هاڻي اسين ٻڌايو ڪو پٽن کان گهٽ آهيون؟“

ڏاڏيءَ ٻنهي پوٽين کي ڀاڪر پريندي منهن ڏيندي چيو، ”نہ پٽ توهان تہ منهنجا نهرا پٽ آهيو.“

اڄ ڏاڏي پراڻي روايتن کي ڀلائي نئين دور ۾ شامل ٿي ويئي هئي.

بنھس ڏينھن وري ڪرمونءَ جي گھر دعوت رکي ويئي. سڀ اعتزا خوش ٿيا جڏهن ڪرمونءَ چيو ته هن جي پٽ جي شادي ٿي.

اُن ڏينھن اتفاق سان ڪرمونءَ پاتي اڇي ٽوپي، بلوءَ بسنتي رنگ جو صافو ته نوُري پاتي سائي رنگ جي پناڪي پڳڙي. اهو ڏسي ديوڊ کِلي چيو، ”يار توهان ٽنهين کي گڏ ڪٺي بيهارجي ته ائين پيو لڳي جڻ ڀارت جو ترنگو پيو لهرائي.“ اهو ٻڌي سڄيءَ محفل ۾ ٽهڪڙو مچي ويو.

بلوُ ڀانگڙا ڊانس ڪرڻ لڳو ته ڊيوڊ مٽريءَ سان بال ڊانس ڪرڻ جي جوش ۾ اچي ويو. نوُرو به لڄ مريادا ڇڏي بيگم ممتاز جو هٿ پڪڙي ڊانس لاءِ ڇِڪڻ لڳس. سيني ڪرمونءَ کي به ميدان ۾ آڻي بيهاريو ته هن به ٻه چار هنبوچيون هڻي هنن جو ساٿ ڏنو.

مڙيوئي شادي سک سان ٿي نبري.

چار ئي هڪ ٻئي جي ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيهي رهندا هئا. هنن جي وچ ۾ ذات پات جي ديوار هئي ئي ڪونه.

چئني جا گھر به ٻَنديا پيا هئا. هڪ ڪنگهندو هو ته دوا ٻيو پيو وٺندو هو. هڪڙو ڇِڪ ڏيندو هو ته نڪ وري ٻيو پيو اُگھندو هو. ايڏو پيار ته سڳن ڀائرن ۾ به هن زماني ۾ ته ملڻ مشڪل هو.

بلوءَ جي ويساکيءَ جو ڏڻ جڻ سيني جو ڏڻ هو. عيد صرف نوُري جي لاءِ ئي نه پر چئني لاءِ هئي. وڏو ڏينھن

جو ٻيو جگري دوست، نالو اٿس نور محمد. مسلمان آهي ۽ پريم ۾ چاچي ذات، چاچي پاڻ؟ گهر جي ميمبر جيان سڄو پريوار ڪرمونءَ جي پريوار سان ڳنڍيو پيو آهي.

ٿنهي ڪي محفل پوري نہ لڳي جو يار 'ڊي' اُتي حاضر ٿي ڪونہ. يلا 'ڊي' يعني ڏينهن. ڏينهن ڪانسواءِ ڪٿي بہ روشني ٿي آهي؟ اجا سڀ 'ڊي' جي باري ۾ پڇن تہ 'ڊي' بہ اچي سهڙيو. ڊي جو پورو نالو ڊيوڊ آهي. هوُ تہ ڦُل سوٽ ۾ بلڪل تيار ٿي آيو هو، گڏ مٿري بہ چڻ ڪنوار وانگر سهي سنيري آئي هئي. سڀ ڪرمونءَ کي ياڪر پائي هن کي پٽ جي ڏک تي واڌايون ڏيڻ لڳا. مٽ مائٽ، يار دوست سڀ هنن چئني کي سڳا يائر پيا سمجهن. هڪ ٻئي جي دک ۾ دکي، سک ۾ سکي. ڪرمونءَ کي لڳو ٿي ڪونہ تہ هن جي مٿان شاديءَ جو هيڏو وڏو بار آهي. يارن ۾ ڪم ورهائي هوُ تہ ٻي اونو ٿي ويو هو.

شادي سک سان ٿي گذري تہ ٻئي ڏينهن دعوت نوُري وٽ رکي ويئي. ڪنوار سميت سڄو هلت هن جي گهر هليو. اُتي قوالين ۽ غزلن، گيتن جي محفل ۾ اڌ رات ٿي ويئي تہ خبر ئي ڪونہ پين.

ٽئين ڏينهن بلوءَ جي گهر پنجابي دعوت جو اِنتظام هو. پنجابي طعام کائي سڀ اهڙو خوش ٿيا جو بس نہ. وري پنڌگڙي جو زوردار پروگرام هليو. سڀ نچي ٽڪا ٽڏهن واپس گهر موٽيا.

چوٿين ڏينهن ڊيوڊ وٽ ڊنر ۽ بال ڊانس جو پروگرام رکيو ويو.

ڪان ڪنهن ٻئي هليو. چارئي دوست در بند ڪري ويهي رهيا. ڪجهه ڏينهن جي نفرت ڪانپوءِ هُو هڪ ٻئي جي ڳڻن ٻي ياد ڪري ٻُڌجڻ جا وجهه ڳولهڻ لڳا. پيا ڏک سُک جي ڳالهه اوربين ڪنهن سان؟ اندر ۾ اُڌما اُٿڻ لڳن.

نوري کي دوستيءَ اڳيان پنهنجي اڳواڻي سٺي نه لڳي. هن سڀني کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”اسان سڀ هڪ آهيون، اسان کي هر ڌرم جو آدر ڪرڻ کپي ۽ پريم سان ميلاپ سان رهي هڪ ٻئي سان ڀائيچارو وڌائڻ کپي. اِهائي اِنسانيت جي راهه آهي.“

اهڙن ويچارن سان هڪ ٻئي جي نفرت ڌوپي ويئي. اِنساني ويچارن جڙ دليلن تي ٽڌو چندو هٽي ماڻهن جي دل مان ڪروڌ پڇائي ڪڍيو.

هڪ سال گذري ويو. چارئي دوست چڙ چڙ ڳابرو ٿي پئي گهميا. پاڻ کي ويڳاڻو پيا سمجهن. هن سال جيڪي ڏڻ آيا، سي سُڪائي ويا. هاڻي ڏياري آئي آهي ته ڪنهنجي من ۾ خوشي ئي ڪونهي.

ڏياريءَ جو ڏينهن هو ۽ سيني ڏٺو ته ڊاڪٽر گوپالداس ڪار مان لهي تڪڙن قدمن سان ڪرمونءَ جي گهر ڏانهن وڌيو. تنهي دوستن ڏٺو ۽ هنن جي منهن تي هوائون ڊوڙڻ لڳيون. دل ۾ چيائون، ”ڇا ڪرمون بيمار آهي؟ ۽ اسان کي خبر ئي ڪونهي. ڏک اڪيلو ئي وينو سهي، اسان سان ڏک به نه اوريو اٿائين.“

ڏيوڙ ڪان پهرين پين کي ياد رکندو هو. بدا ڏڻ تي هتس جنبي جي ڏياري هوندي هئي. جو سڀ هڪ ٻئي جي دل رکڻ ۽ خوشي ڏيڻ جي تبديل سان ڪوشش ڪندا هئا.

وڻ وڻ جي ڪاڻيءَ وانگر چارئي هڪ پاڙي ۾ ڪڏهن ۽ ڪيئن اچي گڏيا هئا، ڪنهن کي ياد ڪونهي. گڏ کائڻ پيئڻ، اُٿڻ وِهڻ ۽ هڪ ٻئي جي خوشيءَ ۽ غم جو خيال رکڻ هنن جي جڻ عادت ۾ شمار ٿي ويو هو.

چوندا آهن تہ ايڪتا ۾ وڏي شڪتي ٿيندي آهي. ٻہ چار سال تہ سِک صحبت ۾ گذري وين. پر هڪ ڏينهن ڪنهن قوُت ڦهلائڻ لاءِ پوڃا جي جاءِ تي پٿر اُڇلائي مذهب جي نالي تي ڪيچڙ اُڇلائڻ جي ڪوشش ڪئي.

اِها ڳالهہ ٻڌي جڏهن چارئي گڏيا تہ ڪرمونءَ جي منهن مان نڪري ويو، ”ڏسو تہ هاڻي پوڃا جي جاين کي بہ نٿا بخشين، ضرور هيءُ ڪم ڪنهن وِڌرميءَ جو هوندو، جيڪو مذهب جي نالي تي جهڳڙا ٿو ڪرائڻ چاهي.“

اِهو ٻڌندي ئي تنهين جو منهن لهي ويو. هنن کي لڳو جڻ ڪرمون هنن تي تُهمت لڳائي رهيو آهي. جڻ اِهو ڪم ڪو هنن ئي ڪيو هجي. هو چپ چاپ اُتي هليا ويا.

هن حادثي وڏي ڪٽي وڻ ڪيو. مذهبي ماڻهن جا ميڙ ٿيڻ لڳا. هنن ۾ ڌرم جي نالي تي فرقيوار ويچارن اچي گهر ڪيو. هڪ ٻئي کان نفرت ڪرڻ لڳا.

فيصلي لاءِ نوُري کي اڳوان بڻايو ويو ۽ هن جا ڪن پرڻ لاءِ ماڻهن جا ميڙ اچڻ لڳا. انڪري هوُ ٽنهين دوستن

جسمس کي پرارٿنا ڪيائين. ڏسون ته ڪهڙي طاقت ٿي اسانکي بار کي اسان کان جدا ڪري؟''

ايمبولينس گهرائي ڪرمونءَ کي اسپتال کڻائي ويا. ڊاڪٽر خون تپاسڻ ۾ لڳي ويو. نُوري جو خون ميچ ڪائي ويو ۽ ڪرمونءَ کي خون جون ٻه بوتلون چاڙهيون ويون ۽ آڪسيجن ڏني ويئي ته ٻه ڪرمون کي هوش اچڻ ۾ انيناليهه ڪلاڪ لڳا.

هوڏانهن ٻلو ۽ ڊيوڊ ديوتائن کي دعائون ڪري اچي اسپتال ۾ حاضر ٿيا.

ڪرمونءَ کي ڪجهه ڏينهن اسپتال ۾ ئي رهڻو پيو. سينٽ جي شيوائن سان ڪرمون نيڪ ٿي گهر آيو. اجوڪو ڏينهن ئي جڻ ڏياريءَ جو ڏڻ هو. ڪرمونءَ جي گهر ۾ اهڙي رهه چهه متي پئي هئي جو سڀ خوشيءَ ۾ نچي ماپيا.

اُن وقت ريڊئي تي بيوس جي هيءَ ڪويتا پئي آئي:

''تـنـگ مـذهـب ۾ نـه مايـون، قوميت ۾ جاءِ ڏي؛
پـائـپـيءَ، اِنسانيت، روحانـيـت ۾ جـاءِ ڏي؛
چڙ دئيءَ جي ديد ميري، تون ٻه رهه مان پي رهان.''

هوڏانهن نُورو گهوڙو ٿهي ڪرمونءَ جي پوٽي کي پٺيءَ تي چاڙهي پيو گهمائي ته بار هڪ سُر ۾ ڳائڻ لڳا :

چڙهي گهميس چڙهي گهميس چندن ڦٽاڪو جيئي منهنجو ڪاڪو؛
ڪاڪو وينو مازيءَ تي گل هٽانس ڏاڙهيءَ تي.

اِهو نظارو ڏسي ڪرمونءَ سميت سڀ ٿهڪ ڏيئي کِلڻ لڳا.

پر من اِن جو جواب ڏيئي ڇڏيو، ”پرانا اسين آهيون نه دوستيءَ جي قابل ڪونه.“

ڊاڪٽر تپاس ڪري ٻاهر نڪتو ته سڀيئي اچي ورايس، چي- ”ڊاڪٽر صاحب ! ڪرمونءَ کي ڇا ٿيو آهي؟ جلد ٻڌايو.“ ڊاڪٽر منهن ملول ڪري چيو، ”مريض جي دل تي صدمو رسيو آهي، مريض جي حالت تمام نازڪ آهي، روڳ ڪافي پراڻو ٿو لڳي.“

تنهي جي اکين ۾ پڇتاءَ جا ڳوڙها ڳڙي آيا. چوڻ لڳا، ”ڊاڪٽر صاحب ! اسان ٽيئي ئي آهيون هنجي بيماريءَ جا ذميوار. اسان ڌرم جي نالي تي نفرت ۽ تنگدليءَ کي جاءِ ڏيئي دوستيءَ تي داغ لڳايو آهي. هاڻي اسانکي اسانجو يار نيڪ ڪري ڏيو. ڊاڪٽر اسان تي مهر ڪيو.“

ڊاڪٽر: ”مريض جي حالت نيڪ نه آهي، توهان پهرين اِطلاح ڇونه ڏنو؟“

ٻلوُ ڳوڙها ڳاڙي چوڻ لڳو، ”ڊاڪٽر جيترو به پئسو ۽ دوائن جو خرچ اچي، مون کان ونو پر منهنجي يار کي بچايو. مان گردواري ۾ سچي پاتشاه گروُ نانڪ کان منهنجي يار لاءِ شفا ٿو گهرڻ وڃان.“

نوُرو ليلائي چوڻ لڳو، ”ڊاڪٽر، منهنجي رڳن ۾ جيترو خون آهي، سڀ هن کي ڪڍي چاڙهيو، پر ڪنهن به قيمت تي منهنجو يار بچڻ کپي، مان الله تاله کي دعا ڪندس ته منهنجو يار مونکي موٽائي ڏئي.“

ديوُ چيو، ”ڊاڪٽر مان عبنئر وڃي ٿو ڳرجاڳهر ۾

لڳو. ٻيءَ وقت رات ڏسڻ ڪانپوءِ به جڏهن ڪير نظر نه آيو ته هن سامان ڪڍيو ۽ ٽيڪسيءَ ۾ رکي گهر پهتي.

هن کي پڪ هئي ته سڀ گهر وارا هن جو بيصبريءَ سان اِنتظار ڪري رهيا هوندا ۽ درتي ئي هن جي آجيان ڪندا پر در به بند هئو.

تڏهن هن کي پڪ ٿي وئي ته ڪانه ڪا مجبوري اچي پئي هوندي نه ته موڪل ڏينهن به هوتو چونه اچي هان؟ هن جي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. امان کي ساهه جي تڪليف آهي ۽ ڪڏهن ڪنگهه جو اهڙو دورو پوندو اٿس، جو اڌ مئي ٿي ويندي آهي. بابا به پيرسن آهن. ٻڌاپو خود هڪ مرض آهي، لڇمي من ئي من ۾ ڀڳوان کي وينتي ڪرڻ لڳي، ”ڀڳوان، سڀ سک ڪجانءِ.“

لڇميءَ سامان گيٽ وٽ ڇڏي ڏنو ۽ در کي هلڪو ڌڪو ڏنو ته در کلي آيو.

امان پنهنجي پلنگ تي ليٽي پيئي هئي، تمام ضئيف ٿي وئي هئي. هن ليٽيل ماءُ کي ڀاڪر ۾ ڪٺي ڀريو، امان چرڪ ڀري اُٿي ۽ هٿوراڙيون هڻي چشمون ڳولهڻ لڳي، جبڪه ڦروفت هن جي وهاڻي جي ڀر ۾ پيو هوندو آهي. پوءِ پائي ڇنائي لڇميءَ کي ڏسڻ ڪانپوءِ هن کي سڃاڻندي چيائين، ”تون آهين، نظر ڪمزور ٿي وئي آهي، ڊاڪٽر چشمو مٽائڻ جي صلاح ڏني آهي، انڪري ڪنهن کي سڃاڻي نٿي سگهان.“

پرائو گهر

گاڏيءَ جي ڇُڪ ڇُڪ سان گڏ هن جي دل ڇِڪ ڇِڪ جو راڳ آلاپي رهي هئي.

پرڻيل ڌيءُ کي پيڪي گهر وڃڻ ۾ اندر ۾ جيڪا خوشي ۽ چوج ٿو پيدا ٿئي اُن جو احساس اُهوئي چوکر ڪري ٿي سگهي، جيڪا شاديءَ کانپوءِ پيڪي گهر گهمڻ ويندي هجي.

لڇمي شاديءَ کان پوءِ هڪ دفعو پيڪي ٿي آئي آهي. هاڻي گهڻي وقت کان پوءِ ٻيو دفعو پيڪي وڃي رهي آهي.

لڇميءَ آرتوار جو ڏينهن ئي ٺيڪ سمجهيو جيئن ٻاڙس اسٽيشن تي وٺڻ اچي سگهي. هن ٻاءُ کي فون ڪري ڇڏيو هو ۽ هاڻ گاڏيءَ ۾ ويٺي سيني سان گڏجڻ جي ڪلپنا ڪري گد گد ٿي رهي هئي.

هن کي وشواس هو ته اِسٽيشن تي هوتو هن کي وٺڻ ضرور ايندو. ٿي ٿو سگهي ته گيتا ڀاڀي به پاڻ نه روڪي سگهي ۽ هلي اچي. بابا به پلا ڪيئن رهي سگهندا لکڻ نڪ نڪ ڪندا هلي ايندا.

اِهو سوچي هوءَ خوشيءَ ۾ پرجي ويئي ۽ اِن ڪلپنا ۾ ئي هن جو وقت گذري ويو.

اِسٽيشن اچڻ تي هن گهري نظر پليٽفارم تي دوڙائي پر ڪنهن کي وٺڻ نه اچڻ تي هن کي تمام عجب

ٿي ھونديون، اِنڪري ٻاھر ٿي ٻيا ڪِھندا آھن. ٻوءِ جڏھن رڌڻيءَ جو وقت ٿيندو اٿن تہ اچي حاضر ٿيندا آھن.''

لڇمي اِھي اکر ٻڌي سُن ٿي پئجي ويئي. وڏن جي لاءِ جيڪا عزت ۽ مريادا ھُئڻ کپي؛ گيتا جي اکرن ۾ ڪٿي ڳولھيندي بہ نٿي ملي.

لڇميءَ جي دل تي ڄڻ ڀاري چپ ڪِري. ڪھڙي نہ چوڄ مان ھوءَ خوش خوش آئي ھئي ۽ ھن جي اِھا آجيان ٿي آھي؟ ھن جي اکين ۾ ڳوڙھا تري آيا، جن کي پاسيرو ڪرڻ لاءِ ھوءَ ٻاھر ورانڊي ۾ نڪري آئي. ڏسي تہ بابا وائڙن وانگر ڪرسيءَ تي ويٺا آھن، ھنن جي مُک تي بيزاريءَ ۽ نراشا جو راڄ لڳو پيو آھي. منھن پيلو ڄڻ ھُڏ ھاري پيئي اٿن. اکين ۾ آشا جو ڪوبہ ترورو ڪونہ اٿن، جيون جي رنگن جا سڀ رنگ ڄڻ ھوا ٿي ويا اٿن.

لڇمي روئندي پيءُ کي ڀاڪر ۾ ڪٺي پريو. بابا جي ڀاڪر ۾ ڄڻ ڌيءَ سان گڏجڻ جي ڪا خوشي ئي نہ ھئي. گھگھيل گلي سان لڇميءَ چيو، ''ڪيئن بابا نيڪ آھيو؟''

بابا مُئل آواز ۾ چيو، ''ھائي بڍاپي ۾ ڇا نيڪ ٿيو، ھاڻي تہ ھلڻ جي ويل آھي، ڏينھن پيا ڳڻيون.''

پر بہ توھان ايتري دير ھئا ڪٿي؟

بابا کيسي مان گوريون ۽ دوائون ڪڍندي چيو، ''تنھنجي ماءُ لاءِ دوائون وٺڻ ويو ھوس. ماں تہ ھاڻي ڪجھُو ھلي بہ نٿو سگھان، پر ھن جي بيماريءَ جو خيال تہ ڪرڻو آھي.''

هوءَ ورتي پاڪر پائڻ لاءِ ٻانهون ڊگهيري لڇميءَ کي ڇاتيءَ سان ڪٺي لڳايائين. لڇمي ماءُ جي ڇاتيءَ سان لڳي پاڻ کي ننڍي ٻالڪي محسوس ڪرڻ لڳي.

لڇمي زندگيءَ جا گهڻا ئي سال ماءُ پيءُ سان رهي آهي، اُنڪري هن جو ماءُ پيءُ ۾ ۽ ماءُ پيءُ جو هن ۾ موهه پوڻ سپاويڪ آهي.

لڇميءَ سمجهيو ته آواز ٻڌي هوتو ۽ گيتا ضرور ڪمري ۾ گهڙي ايندا پر گهڻ وقت تائين جڏهن ڪير به ڪمري ۾ ڪونه آيو ته لڇمي پاڻ کي نه روڪي سگهي ۽ پاءُ جي ڪمري ۾ هلي ويئي، جتي هوتو سندس ٻئي ٻار ٽي. وي. ڏسي رهيا هئا. پاٽس ٽي. وي. تان ٻنا نظر هٽائيندي چيو، ”سائين پهچي ويا؟“ ٻارن به ٽڏي نوڙ مان ”هلو“ ڪئي. لڇميءَ جي اچڻ جو اُتساهه جڻ ٽڏو ٿي ويو. اچڻ جي جيتري خوشي ۽ ڪلپنائون هن من ۾ سيڱيون هيون، هوا ٿي اُڏي ويس.

هوءَ ڪمري کان ٻاهر نڪري آئي ۽ رسوئيءَ ڏانهن نهاريو، جتي گيتا اٽو پيئي ڳوهي. ڏيان اتي ۾ ئي رکندي چيائين، ”اچي ويا ديدي؟“ ها ڪندي لڇميءَ ڪيس پنيان ئي پاڪر ۾ ڪٺي پريو پر گيتا ۾ گرم جوشيءَ جو احساس نه ڏسي لڇمي هن کان الڳ ٿي ويئي. هن مٽ مان پاڻي پري پيتو ۽ گيتا کان پڇيائين، ”چو پلا، بابا ڏسڻ ۾ نٿا اچن؟“

گيتا رکي نوع مان چيو، ”هنن کي ڪا گهر ۾ وهڻ جي بندش آهي ڇا؟ گهر ۾ هوندا ته ڪو نه ڪو ته ڪرڻ

لڇميءَ ماءُ کان پڇيو، ”امان ڇو وارن کي ڪنگهي ڪونہ ڪئي اٿئي ڇا؟“

امان وراڻيو، ”ڇا ڪيان، ٻانهن ۾ سُور آهي، ٻانهون مٿي ڪٿي ڪنگهي نٿي ڪري سگهان. ڪڏهن ڪڏهن پاسي واري اڇي ڪنگهي ڪندي آهي نہ تہ سڪ. مٿو بہ مهينن ۾ ڌوئي ڌوئي سگهان نٿي ڌئان، مٿو نوڙي ڌوئي نٿي سگهان.“

ايترو چوڻ ۾ ئي امان سهڪڻ لڳي. هنجي بيزاري ۽ لاچاري ڏسي لڇميءَ جون اکيون ڳوڙهن سان ڀُر ٿي آيون. اِهو تہ مڃيو تہ ٻڍاپو آهي پر ٻڍاپو تہ سيني جو ايندو. پوءِ اڄ جي جوان ٿهي ڇونہ ٿي سمجهي تہ هنن جو وڏن ڏانهن ڪجھ فرض بہ آهي. ڇو جو اولاد تہ هِن ئي عمر ۾ سار سنڀال لاءِ جڻجي ٿو. ماءُ پيءُ بہ ٻار کي هڪ ڏينهن کان نپائي وڏو ٿا ڪن. اهڙو ئي وهنوار اُنهن جا ٻار بہ جيڪر هنن سان ڪندا پوءِ ڪيئن زمانو هلندو؟

ٻئي ڏينهن لڇميءَ ماءُ جو مٿو ڪرسيءَ تي وِهاري پنئين پاسي ليٽائي ڌوتو. ڇڱيءَ طرح ٽوال سان وار اُگهي سُڪڻ تي تيل لڳايو ۽ وار لسا ڪري چوٽي ڪيائين تہ ماءُ جي من مان آسيسون پيون نڪرن. چادر لاءِ چوڻ تي امان چيو تہ ڪير چادر مٿي ئي نٿو. جڏهن چوان تہ اڄ ڌوئڻ وجهان، اُن ڏينهن چوندا اڄ ڌوٻياڻيءَ لاءِ گهڻا ڪپڙا آهن. ڪڏهن ڌوٻياڻي ئي ڪونہ اچي. لڇميءَ چادر لاهي صابڻ ۾ وجهي وڌي ۽ ٻي اڇي متائي پلنگ تي وڇائي ڇڏي.

لڇميءَ کي لڳو ڄڻ گهر کي جنهن کي سر آب جهڙو ڇڏي وئي هئس، اُنجو هڪ به انس ڄڻ هن ۾ نه رهيو آهي. هيترو جلد ڪيئن ماحول متجي ويو؟ سيني جون دليون ڄڻ اندران ڪاڏيون پيون هيون.

لڇميءَ سوچيو ڪيڏو جلد گهر جو نقشو متجي ويو آهي. بابا جو وجود ڄڻ ختم ٿي ويو آهي. لڇميءَ کي ڏسي دک ٿيو ته ڪيئن نه هن جي گهر مان ويندي ئي هن کي کير جي مک وانگر ڪڍي ڦٽي ڪري ڇڏيو ويو آهي.

هوتوءَ گيتا کي چانهه بسڪيٽ آڻڻ لاءِ چيو ته گيتا رسوئيءَ مان ئي وراڻيو، ”بارهان ٿي چڪا آهن، روٽيءَ جو ٽائيم اچي ٿيو آهي، بس اِجها ٿي روٽي تيار ٿئي.“

هوتو لڇميءَ جو منهن ڏسڻ لڳو ته لڇميءَ چانهه لاءِ منع ڪري ڇڏيس.

بابا لڇميءَ جو سامان کڻي آڻي پنهنجي ڪمري ۾ رکيو. ڪمرو اڳ ئي ننڍو هو پر سامان نه آڻي ئي رکڻو هو.

اينري دير تائين امان پنهنجي پلنگ تي ئي سمهي پيئي هئي. ڄڻ ۾ اُٿڻ وِهڻ جي شڪتي ڄڻ ختم ٿي وئي هئي. وار سب اجا ٿي ويا هئس ۽ بيترتيب ۽ رکا لڳا پيا هئس. ڳلي جون هڏيون ايتري قدر ماس ڇڏي چڪيون هيس جو ڳڻي پيون سگهجن.

بستري تي چادر ايڏي ميري ٿي چڪي هئس جو وهڻ تي دل ئي نه ٿي ٿئي.

۽ همدرديءَ جتي، مرڳوئي مرڻ جون دعائون پيون ٿين. امان بابا جي بيبسي، مجبوري ۽ لاچاري ڏسي لڇميءَ جو اندر زماني جي روش کي ڌڪارڻ لڳو.

امان کان پڇڻ تي، ”امان تون هل مون سان مان تنهنجي سٺي شيوا ڪنديس.“

امان جهٽ وراڻيو، ”نه نه بابا، مان ته هتي ئي مرندس پنهنجي پٽن جي ڪلهن تي ئي وڃان، بس اِهائي آس آهي.“

رات جو امان کي کنگهه جو اهڙو دورو پيو جو ساهه منجهڻ لڳس. بابا اُٿي هن کي دوا ڏني ۽ سهارو ڏيئي سمهان جاءِ تائين وٺي ويس. پر هوتوءَ ۽ گيتا مان ڪير به پنهنجي ڪمري مان هنجي حالت پڇڻ نه آيو.

واهه ڙي زمانا. سڄي ڪالونيءَ ۾ گيتا اِنڪري واهه واهه پئي لُٽي جو هوءَ گذيل ڪٽنب ۾ ٿي رهي. سڀ چون اڄ جي زماني ۾ ڪير ٿو سس سهري جي شيوا ڪري؟ پر ڪنهن اچي ڪونه ڏٺو آهي ته هنن پيرسنن جي هت ڪهڙي حالت آهي؟

هوتو چوي ته جڏهن هيءُ بيمار ٿيندا آهن ته مان رت-ست هڪ ڪري هنن جي شيوا ۾ لڳي ويندو آهيان، ڊاڪٽرن جي لائين لڳائي ڇڏيندو آهيان.

لڇميءَ کي ياد آيو ته هوتوءَ کي جوانيءَ ۾ به هرسال ٽائيفائيڊ ٿيندي هئي ۽ امڙ هن لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري جڏبندي هئي.

ٻچ وقت ڪانپوءِ جڏهن امان کي ياد آيو، ”ڇو تون هن دفعي اڪيلي ئي آئي آهين؟“

لڇميءَ وراڻيو، ”هي ٿوري تي ويا آهن، پوءِ مون کي وٺڻ ايندا.“

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ لڇميءَ پيءُ کان پڇيو، ”بابا توهان هت خوش آهيو؟ نه ته ڪجهه ڏينهن مون سان گڏ هلي هلو. اڄڪلهه پٽ ۽ ڌيءُ ۾ ڪو فرق نه رهيو آهي. اِنڪري نياڻيءَ جي گهر جو سوچي اُن وٽ نه وڃڻ جو سوچ ٺيڪ نه آهي. ٿورا ڏينهن هوا پاڻي مٽڻ سان ٺيڪ رهندو.“

بابا وراڻيو، ”نه بابا، مان ٿو نياڻيءَ جي در تي هلان. سڄي عمر اهڙو ڪم ڪونه ڪيم هاڻي برادريءَ ۾ بدنامي ڪرائيندس ڇا؟“

”پلا بابا ڪجهه ڏينهن ته بئي هليا هلو، مان توهان جو سٺي ڊاڪٽر کان علاج ڪرائيندس. توهان کي به پيٽ جي تڪليف آهي ۽ هت ڪوبه فائدو نٿو ٿئيو ته ڇونه ٿا اُتي هلي علاج ڪرايو.“

بابا نراسائيءَ جي نوع ۾ چيو، ”هاڻي ڇا ٿيندو علاج، هاڻي ته مٽي وڃي ئي علاج ٿيندو. تنهنجي ماءُ جي ڪري اٽڪيو پيو آهيان، تنهنجي ماءُ هيڏانهن هوڏانهن ٿئي ته مان به ڪٿي نڪرڻ جهڙو ٿيان. هن کي ههڙي حالت ۾ ڇڏي ڪٿي نڪري نٿو سگهان.“

لڇميءَ جي دل هاهاڪار ڪرڻ لڳي. بيمار لاءِ علاج

ياسي نراشا جو راڄ هو. هن جو ساهه منجهڻ لڳو، راتين جي ننڊ غائب ٿي ويس. انن ڏينهن ۾ پيڪن جي سِڪ لهي ويس. هن سامان سميٽيو ۽ پوئتي موٽڻ جي تياري ڪئي.

امان بابا ڏاڍو سمجهايس ته آئي آهين ته ڪجهه ڏينهن ته رهه. لڇميءَ لاءِ هڪ ڪن ٻه ورهين برابر هو. هوءَ من تي ڀاري بوجهه ڪٽي موٽي رهي هئي.

هوتوءَ ۽ گيتا ته هن کي وڌيڪ رهڻ جي آڇ به نه ڪئي. لڇمي آئي هئي ماءُ پيءُ جي سِڪ لاهڻ. ياڻ من تي بار کڻي موٽي رهي هئي.

گاڏِيءَ ۾ اچڻ مهل هن جو رستو ڪلپنا ۾ ئي جهٽ پورو ٿي ويو هو، پر هينئر پل به نه پيو گذريس. هوءَ چاهي پئي جلد اُڏامي پنهنجي گهر پهچان. پرائو گهر هن کان پري پري ٿيندو پيو وڃي.

هن جي دل دماغ ۾ صرف هڪ ئي سوال هلچل مچائي رهيو هو ته ڌيءُ پٽ جي فرق جي وِٿي ڪيئن ۽ ڪڏهن پرجي سگهندي؟

هڪ دفعي نہ هوتوءَ جي ڳلي ۾ سٽ ڳنڍيون نڪتيون اماں ڊاڪٽرن مٿان ڊاڪٽر مٽايا، بابا پئسو پاڻيءَ وانگر وهايو اماں پنڊا-پنڊت، پڇا-ڳاڇا ماں ڪين ڪُسايو پر اُهي تہ نٿا چئي سگهن تہ اسان هي ڪيو ۽ هوُ ڪيو.

بابا کي شروع کان پڙهڻ جو ڏاڍو شونق هو پر اخبار اڳيان هوندي بہ هنن اُن کي هٿ نہ لاتو. لڇميءَ پڇين، ”بابا اڄ جي اخبار ڏني اٿــوَ؟“

”اڙي بابا، مونکي ڏسڻ ۾ ڪٿي ٿو اچي؟ هڪ اک ۾ موتيو اچي ويو آهي. آپريشن واري اک سان مڙيوئي پيو ڪم هلي.“

”پلا بابا پوءِ توهان ٻي اک جو آپريشن ڇو نٿا ڪرايو؟“

”اڙي چار هزار لڳندا. هاڻي اکيون سڄيون ڪرڻ جو مطلب ڪهڙو؟ وڃڻ جي ويل ٿي وئي آهي، اجايا خرچ ڇو ڪيون؟“

لڇميءَ جو من پانءِ پانءِ ڪرڻ لڳو. نکو ٿي هوءَ ننڍيءَ ٿهيءَ کي سمجهائي سگهي، نکو وڏيِ پيڙهيءَ سان ٿي پڇي سگهي. وڏ ۾ وڏ هوءَ هنن کي وني وڃي پاڻ وٽ سني شيوا ڪري ٿي سگهي تہ نياڻي جو گهر چئي هوُ هلڻ نٿا چاهين.

لڇميءَ جو مٿو چڪرائڻ لڳو. هوءَ ڪري سو ڪري ڇا؟ ٻئي ڏريون زور هيون.

هن کي لڳو هوءَ پيڪي گهر نہ، پرائي گهر اچي پهتي آهي. هر شيءِ، هر اِنسان هن کي ڌاربو لڳڻ لڳو. چئني

ڳڌ ڏسڻ ۾ ايندا هئا هنجا ٻتيھہ ڏند، اڇا جهڙا موتي. سو اِها هئي چترِي.

پاڪستان مان اچي هندستان ۾ پهتي تہ گهوٽس ڏنڌي ڪرڻ جو سعايو ڪيو. ٿورو گهڻو جيڪو پئسو آندو هئائين، اُن مان اِستوَن جو دڪان ڪڍيائين، ڪجھ نوان اِستوَ وڪڻندو هو ۽ ڪجھ پراڻن جي مرمت ڪندو هو. محنت موچارِي ڪندو هو پر گهر جو گاڏو هلائڻ ۾ هنجي ڪمائي صفر جي برابر ئي هئي. گهر جو اڌ خرچ بہ دڪان مان نہ نڪرندو هوس. ننڍا ننڍا چار ٻار، ڪيئن گرهستي جو گاڏو هلي؟ اِهائي پريشاني هئي.

پر چترِيءَ مڙس کي پريشان نہ ٿيڻ ڏِنو. چترِي عقل جي اڪابر ۽ سِلائيءَ جي هنر ۾ پڙُ هئي. هن سِلائي ڪرڻ شروع ڪئي. سِلائي ورِي اهڙِي جو درزِي پيا منهن لڪائين. ڪپڙي جي ڪفايت ورِي اهڙِي جو مجال آهي ڪتر ستر بہ بيڪار وڃين !

ٻاڙي واريون ٻارن ٻچن ۽ زناني ڪپڙي جي سِلائيءَ لاءِ چترِيءَ وٽ اچڻ لڳيون. تڏهن سِلائي جي ايڏِي قيمت نہ هئي، جيترِي اڄ مار وجهندڙ آهي. پر تہ بہ چترِي ڪمائي پنهنجي گرهستي جو اڌ گاڏو گهيلڻ ۾ سمرٿ هئي ۽ هنن جي گرهستي خاصي سٺي هلڻ لڳي.

سِلائي ڪلا ڪانسواءِ ڳالهائڻ جي مناس ۽ وهنوار ۾ هلڻمائي ۽ مهمان نوازِيءَ پڻ هنجي ڪمائيءَ ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

چنرِي چرِي

چنرِيءَ کي پاڳلخاني ۾ شيشن اندر ڏسي منهنجي دل پرجي آئي. اِئين نہ هو تہ هوءَ ڪا منهنجي مٽيائي هئي، نڪو هن سان منهنجو رت جو رستو هو. هوءَ تہ صرف منهنجي پاڙيسرِي هئي، گهرِي پاڙيسرِي.

چوندا آهن تہ پاڙو ئي دک سک ۾ پاءُ پرائي ٿئي ٿو. اوڪيءَ وقت پاڙو ئي ڪم ٿو اچي. پنهنجا بہ دير سان پهچن، تنهن کان اڳ ئي پاڙو ڪئين ڪم ڪيو ڇڏي.

ها سو هوءَ هڪ سٺي پاڙيسرِي هئي. چوندا آهن تہ سوَ ڏيئي پاڙو وٺجي ۽ سوَ ڏيئي پاڙو ڇڏجي. اِهو صحي آهي تہ هڪ ڳڻ هنجو هو تہ هوءَ سٺي پاڙي وارِي هئي.

چنرِيءَ جو نالو ايندي ئي هڪ سانورو چهرو اکين اڳيان ڦرِي ٿو وڃين. جنهن ۾ اکيون وڏيڪ اندر ڏنسيل جڻ سِرڻ جي اکين جي ياد تازِي ٽيون ڪن. نڪ اهڙو چهنبدار جڻ طوطاپورِي انب جي ياد پيو ڏياري. ڳل اهڙا وينل ۽ چپٽا جن تي ماس جو نالو ئي نہ هو. وار ڪارا، سينڌ سِڌِي وچ ۾ ۽ ٻنهين پاسي چپٽا وار. پنيان ڇڪيل چوٽي وارن جي پڇڙِيءَ تائين ڪيل، جيڪا پڇاڙِيءَ جو موڙ ڪائي ڪوئي جي پڇ جي ياد تازِي ٿي ڪري.

مطلب تہ هن ۾ اهڙِي ڪا موهڪ عدا نہ هئس، باقِي جيڪا عدا موهڪ هئس سا هئس مشڪ. مشڪندڙ چهرو هڪدم ٻئي جي دل پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندو هئو. جنهن سان

ماڻهن جڏهن چيو تہ چنريءِ چريءِ ٿي پئي آهي تہ مون کي وشواس ئي نہ آيو. پر اڄ جڏهن شيخن جي آمهون سامهون ويهي رهيس تہ بہ چنريءَ نہ سڃاتو، صرف ڏند ڪڍي کلڻ لڳي. پر هيءَ کل هن کل کان ڪيڏي نہ ڊيڄاريندڙ ۽ ڪنبائيندڙ هئي؟ چرين جي کل روم ڪنداريندڙ کل.

هن مونکي بلڪل نہ سڃاتو. پوءِ بہ ٿوري دير مان ويٺي رهيس. ٿي ٿو سگهي هنجي ياداشت ٿوري دير ۾ واپس اچي ۽ سڃاڻي وٺي. پر اهڙو ڪوبہ پاو هنجي منهن تي ڪونہ ڏسڻ ۾ آيو. تڏهن مون سوچيو شايد آواز مان سڃاڻي. مون زور سان چيو، ”چنريءِ مونکي سڃاڻين ٿي؟“

هوءَ کلندي رهي، پوءِ چيائين، ”ڏسين ٿي نہ منهنجون هيءَ خالي ٻانهون؟ هنن ۾ ڪيترا نہ سونا چوڙا هئا؟ آڻي ڏي مونکي سونا چوڙا، جو لاهي وئين؟ جو لاهي وئينءَ؟“

مان تہ هڪدم وائڙي ٿي چڪر ۾ پئجي ويس. منهنجي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. تعجب وچان مون هن ڏانهن گهور ڪري نهاريو تہ ڏٺم هوءَ هوند مونکان وڌيڪ گهور ڪري مونکي ڪجهو ڪاڻڻ واريءِ نظرن سان ڏسي رهي هئي.

مونکي لڳو تہ جيڪر هوءَ شيخن کان ٻاهر هجي هان تہ ضرور ماري منهنجو پڙتو ڪري ڇڏي هان.

پر هنجي ڳالهين سان مونکي بہ سوَ في صدي پڪ ٿي ويئي تہ هوءَ بلڪل پاڳل ٿي ويئي آهي.

مونکي تمام گهڻي نراسا ٿي، پر پوءِ مونتي اچڻ ڪانسواءِ ڪو چارو بہ ڪونہ هو.

گهر جو سڄو ڪم ڪار، روٽي پاڻي ڪرڻ ڪانپوءِ جيڪو وقت ملندو هوس، اُن ۾ به ايڏي فڙتيءَ سان سِلائي ڪندي هئي جو ڪنهن به گراهڪ کي ڪپڙن تيار ڪرڻ لاءِ ڪُهڙو انتظار نه ڪرڻو پوندو هو، جيئن اڄڪلهه جا درزي مهينا مهينا لڳائي پوءِ ڪپڙا سِبي ڏين.

اهڙو ڪو موقعو چتريءَ ڪنهن کي نه ڏنو. پاڙي واريون هڪ دفعو چتري وٽ ايندڻيون ڪپڙو سِبائڻ هيون، پر هن سان رِلي ملي اِئين ويندڻيون هيون جو ٻئي دفعي ساهيڙيءَ جي روپ ۾ ايندڻيون هيون. سيني سان چتريءَ جو وهنوار اهڙو پنهنجپائيءَ پريو هوندو هو ۽ قصا ٻڌائيندي هئي جو اچڻ وارو ڪُپ ڪوڙي ويهي رهندو هو. هن کي وقت جي سمڪ ئي نه رهندي هئي. اِن ۾ چتريءَ جو وقت به بيڪار ويندو هو پر هوءَ پريمي جيءُ هئي. اِنسان ذات سان پريم جي ڪري وقت وڃائڻ بيڪار نه سمجهندي هئي. چتري گهر ويٺي پاڙي وارين جي جاڻ سڃاڻ ۽ جانڪاري رکندي هئي.

تمام ٿوري وقت ۾ ئي چتري درزياڻي جي روپ ۾ اوڙي پاڙي ۾ مشهور ٿي ويئي.

اهڙي عقل جي اڪابرَ ۽ سِلائي جي ماستر چتريءَ کي بلڪل پاڳلن جي حالت ۾ پاڳلخاني ۾ ڏسي ڀلا منهنجي دل چو نه پرجي ايندي؟

اِنسانيت جو فرشتو ۽ ڳالهائڻ جي اُستاد چتريءَ جي ڳڻن جو چٽ منهنجي دل تي اهڙو گهرو اُڪريل هو جو مان هنڪي ڏاهڻ چاهيندي به نٿي ڏاهي سگهيس.

چترِي سنان پاڻي ڪري روتي کائي ٿوري اُس جهلڻ لاءِ درِيءَ سان لڳل کٽ تي ويٺي ئي مس ته هنجِي نظر اُن گهر جي اندر پئي جتي ٻه ماڻهو هلچل ڪري رهيا هئا. هو سامان چوندي ڳنڙين ۾ ٻڌِي رهيا هئا. چترِي هيءُ سڀ ڏسي حيران ٿي ويئي جو ماڻهو چور ٽائيپ عجيب ڍنگ جا پئي لڳا. هن کي سمجهندي دير نه لڳي ته چور گهر ۾ تالو لڳل ڏسي تالو ٽوڙي مڪان مالڪ جي غير حاضريءَ جو فائدو کڻي هنجو گهر لُٽي رهيا آهن.

اجا هوءَ ماحول جو جاعزو وٺي ئي رهي هئي ته اڳيان هوءَ ڇا ڪري، سوچي ئي رهي هئي، ايتري ۾ هنن چورن جي نظر هن تي پيئي. هو رسوئيءَ ۾ ويا، جتي هنن جي ساٿي هڪ اِسترِي ڪاڏو ٺاهي رهي هئي، ٿوري دير کڻي بنا هنن کنن ۾ ڪجھ کس پس ڪئي ۽ اُها اِسترِي ٿالهيءَ ۾ ڪاڏي جون شيون سجائي سِڌي اچي چترِيءَ وٽ شيکن جي درِيءَ تي پهتي. هن مِٺي زبان سان چيو، ”پيڻ کهڙو حال اٿيئي.“ چترِي هيڪارِي وائڙي تي چوڻ لڳي، ”ڪير آهيو توهين؟ هن گهر ۾ ڪئين؟“

هن اِسترِيءَ مشڪائيندي چيو، ”اسان ته هنن جا مهمان آهيون، پر هنن جي نڪرڻ کان اڳ نه پهچي سگهياسين، اِنڪري سوچيوسين هنن جي موٽڻ تائين هتي ئي رهي پئون.“ چترِيءَ کي شڪ جي گنجائش نه رهي چيائين، ”هان ! ته اِها ڳالھ آهي؟ پر هيءُ ڳوٿرين ۾ ڇا رکيو اٿو؟“

رستي تي هلندي هلندي ويچارن جي لڏ قدمن جي تال سان گڏ هلنديِ رهي. ويچار ڪيم تہ برابر چنريءَ جي ٻانهن ۾ سونيون ڇهہ ڇهہ چوڙيون هيون، تن تي هنکي فخر هو.

نونت جو نڪاءُ هٽي سيني کي پٽي ڏيکاريندي هئي ۽ چونديِ هئي، ”محنت مزوريِ ڪنديس پر هي چوڙيون نہ وڪڻنديس. ابي امڙ ڏاج ۾ ڏنيون آهن، تن تي هنجو جنم سِڌ اڌڪار آهي.“

سُهاڳ جي نشاني پڻ هيون، اِنڪري مڙس جي وار وار چوڻ تي بہ هن چوڙيون ڏيڻ کان صاف اِنڪار ڪري ڇڏيو هو. چوڙين ۾ هنجي جان هئي. جيئن ٻالپڻ ۾ کهاڻين ۾ اسان پڙهيو هو تہ راڪاس جي جان طوطي ۾ هئي ۽ طوطي کي مارڻ تي راڪاس بہ مرِي ويو هو. ڪجھ اهڙو ئي قصو پئي لڳو هي بہ، چنريءَ ۽ چوڙين ۾.

چنري جي چرئي تيڻ جي کهاڻي بہ ڪجھ اِئين ئي آهي. ڪجھ ڏينهن ٿيا، هنجي پاڙي جي گهر وارا بلڪل لڳو-لڳ هن جو گهر هو. هڪ لوهہ جي سلاخن واريِ دري پڻ چنريِ جي گهر مان هنن جي گهر ۾ کُلنديِ هئي، اُتان رڌل ڀاڄي جي ڏي وٺ، ڏڻ وار جي مٺائيءَ جي ڏي وٺ ۽ سڄي ڏينهن جي ڳالهين جو سلسلو پورو ڪيو ويندو هو.

اُهي پاڙي وارا گهر کي تالو لڳائي پنهنجي ڌيِ کي پرڻائڻ واسطي ٻاهرئين شهر ويل هئا. اجا ڪلهہ ئي ويا هئا ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ موٽڻا هئا.

چنرِي درِيءَ مان ڏسنديِ رهيِ پر جهڙو ماس جو پتلو، جهڙو نڪر جو ناڪر. تڪي پئي پر نہ زبان مان ڪُڇي پئي سگهي، نہ ڇُرِي پئي سگهي.

پاڙي واريءَ جو گهر اُگهي ڇور روانا ٿِي ويا.

چنرِي بت نهي ويني هئي. تان جو شام اچي ٿيس. پار ۽ مڙس بہ اچي ويا، تڏهن بہ هن کي هوش نہ آيو. مڙس چيس، ”چنرِي ڇوڙا ڪيڏانهن ڪيئہ؟“

چنرِي ڪجھ نہ ٻڌائي سگهي. اُن ڏينهن کان ويڳاڻيِ ۾ چپ رهڻ لڳِي ۽ پوءِ آهستي آهستي هن جي دماغ ڪم ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو. هوءَ چرين جهڙا ڪم ڪرڻ لڳِي. روٽي کائينديِ ڪونہ هئي، سُڪل روٽيءَ جا ٽڪر اِئين چٻاڙينديِ هئي جڻ بسڪوٽ هجن. پوءِ هن جون وايون بيتال ٿي ويون. گهر جي ڪُنڊ ۾ ڪم ڪار ڇڏي ويٺي هونديِ هئي. پر پوءِ تہ پيچ ڏاهہ تي اچي پهتي ۽ گهر جا نقصان ڪرڻ لڳِي. هنڪون اهڙيون حرڪتون ڏسي هن کي چرين جي اسپتال ۾ ڀرتي ڪرايو ويو.

اِسپتال مان موٽي مان سِڌي چنرِيءَ جي گهر ويس، سندس گهوٽ ۽ ٻارن سان ڳالهائڻ تي ئي مونکي کهاڻي معلوم ٿِي هئي. پر چوڙين جي ڪٿا ڏانهن ڪنهنجو ڌيان ئي نہ ويو هو. سڀ سوچين پيا تہ چنرِيءَ جو موهہ چوڙين ۾ هو، اِنڪري ئي هوءَ چرِي ٿِي وئي آهي ۽ چوڙا پئي گهري.

مون ٻڌو هو تہ چرين جو منوونيان جاڻي هنجون ڪجھ ضرورتون پوريون ڪرڻ تہ هو ٺيڪ ٿيڻ لڳندو آهي. پر ورڪ

اِستريءَ وراڻيو، ”اِهو تہ شاديءَ لاءِ اسان ڪافي سامان ڪٺي آيا آهيون سو آهي.“

اِستريءَ جي سهج ڳالهائڻ ۽ ٻي ڊپي نوع ڪي ڏسي چترِي جو رهيو سهيو شڪ بہ ڪافور ٿي ويو. چترِي ۽ هوءَ شيڪن جي آمهون سامهون ويهي ڳالهيون ڪرڻ لڳيون.

ٿورِي دير ڪانپوءِ اِستري ٿالهيءَ ۾ گرم گرم پوريون ۽ مٺائي چترِيءَ ڏانهن وڌائي هن ڪي کائڻ جي آڇ ڪئي. جيئن تہ روٽي کائي ويٺي هئي، پر ورِي بہ پاڻ کي نہ روڪي سگهي ۽ مٺائيءَ کي ڏسي هن جي منهن ۾ پاڻي ڀرجي آيو. هوءَ هڪ سٽ ۾ ٿالهي خالي ڪري ويٺي.

مٺائي کائيٺي هئي ۽ چترِي جڻ پنهنجي سمجهہ وڃائي ويٺي. اِستري ڳالهيون ڪندي رهي پر هن جون نظرون چوڙين تي هيون چيائين تہ پيڻ، ”هيءُ چوڙيون تہ تمام سهڻيون آهن، مونکي هنن جو نمونو بہ پسند آهي، ٿورِي دير ڏيندينءَ، مان گهر وارِي کي ڏيکاري واپس ڏيئي ويندِيسائنءِ.“

چترِيءَ جي بڌِي پرشٽ ٿي ويئي شايد هن ڪاڏي ۾ اهڙو ڪجهہ هو جنهن چترِيءَ ڪان دل، دماغ ۽ هوش کسي ورتوهو.

چترِيءَ خوشيءَ سان سڀ چوڙيون لاهي بنا ڪنهن هڇڪ ۽ جهجهڪ جي ڪٺي مائيءَ جي هٿ ۾ رکيون. مائي ٿورِي دير.ڪانپوءِ ٿالهي ۽ چوڙيون ڪٺي فرار ٿي ويئي. چترِي ڪجهي جهڙِي پت. موگِن وانگر پئي نهاري. هاڻي هو پئي مڙد ۽ هوءَ اِستري پاڙي وارن جو سامان بڌِي پچڻ ۾ لڳي ويا.

پهرين ته هوءَ گهر وارن کي به ڪونه سڃاڻندي هئي پر پوءِ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندي دماغ تي زور ڏيڻ آخر پرولي سلي ئي وئي. گهر وارن کي سڃاڻڻ لڳي.

ڊاڪٽر ۽ چترِيءَ جي گهر وارن کي هِن رَتا کان ڏاڍي خوشي هئي. وقت ڪافي لڳو پر ڪجهه دوا، ڪجهه دعا، ڪجهه ڊاڪٽرن جي منووگيان جا نقصا ڪم آيا.

اڄ چترِي گهر آئي آهي. گهر جي رهه چهه ۾ لڳي ٿو جلد ئي هوءَ گهر جهلي وٺندِي. هنجي ٻانهن ۾ چوڙيون ڪن ڪن وڄي رهنديون آهن، جيڪي شڌ سون جون آهن.

مون کي ڊپ اِهو ئي آهي نيڪ ٿي سڃاڻڻ جي حالت ۾ اچڻ تي ڪٿي هوءَ اِهو به نه سڃاڻي وڃين ته چوڙيون رولڊ گولڊ جون آهن. پوءِ ڇا ٿيندو؟ اِهو سوچي منهنجيون اکين اڳيان چترِيءَ جو سلاخن پٺيان اڳئين وارو چهرو وار وار ڦرڻ ٿو لڳي ۽ مان اکين تي هٿ رکي اُنهن کي ڍڪي ٿي ڇڏيان.

ڊپ ٿيم، شڪ ٿيم تہ ٿي ٿو سگهي جيڪو علاج مان سوچيان ٿي، اُن سان بہ فرق نہ پوي. ڇو جو مون هڪ قصو ٻڌو هو نہ هڪ ماڻهوءَ کي وهم ٿي ويو هو تہ هنجي پيٽ ۾ ٻلي آهي. هن گهڻن ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو، ايڪسري ڪرايا، رپورٽ ۾ ڪا گڙٻڙ ڪونہ هئي. ڊاڪٽر چونس، ”سائين! توهان بلڪل نيڪ آهيو پر چڱو مڙس مڃي ئي نہ.“

آخر لاچار ٿي هڪ ڊاڪٽر هن کي بيهوش ڪري ڪُوڙو آپريشن ڪري هڪ ٻِلي ٻڌِي رکِي ۽ هوش ۾ اچڻ تي ٻِلي ڏيکاري ڊاڪٽر چيو، ”اسان توهانجي پيٽ مان ٻِلي ڪڍِي ورتِي آهي، هاڻي توهان بلڪل تندرست ٿي ويا آهيو.“ ٻِلي پوري رنگ جي هئِي، مريض ڏسندي ئي چِلائڻ لڳو، ”نہ هيءَ اُها ٻِلي نہ آهي، منهنجي پيٽ ۾ تہ ڪاري ٻِلي آهي.“

شايد توهان پانڪ ڪِلي رهيا آهيو پر چريِن سان اِها ڪار آهي.

وري بہ مون همٿ نہ هارِي، ڊاڪٽر ۽ چترِي جي مڙس سان صلاح ڪري مون سونيون ڇهہ چوڙيون هنجي ٻانهن ۾ پارائي، هنجي منووگيان کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي.

چوڙيون ڏسندي ئي چترِيءَ جو چهرو ٻهڪڻ لڳو، ساڳي اڳي واري مشڪ چپن تي ترِي آيس، سنتوش جي لهر مک تي ترڻ لڳس. آهستي آهستي چترِيءَ جي منورتين ۾ فرق اچڻ لڳو. هوءَ ماڻهپي ۾ اچڻ لڳي. ڪجھ ڳالهائڻ ۽ سمجهڻ لڳِي. وقت تي روٽِي پڻ کائڻ لڳِي. بس سڀو ڏينهن چمڪندڙ چوڙين کي ڏسِي پئِي نرندِي هئِي.

ڳنڀيرتا جي ويچارن جا بادل جيڪي منهنجي دل ۽ دماغ تي ڏپ ڄيان غالب هئا، ٽڙجڻ پکڙجڻ لڳا.

ڪار ۾ ڪورٽ پهچڻ جو رستو ۽ وقت تمام ننڍا هئا اُن ڀيٽ ۾ ڳالهه ٻولهه گهٽ ۽ طور تڪ جي ٿيندي هئي.

هن جي ڳالهين مان اِنسان ذات لاءِ عزت ۽ پيار پيو بکندو هو. هن جي ڳالهين ۾ اُنهنجي پلائي ۽ قربت جون ڳالهيون سمايل هيون.

هوُ ڏيتي ليتي جي سخت خلاف هو ۽ سماج جي ڪُرسمن کي ڏکي دور ڪرڻ جي جي-توڙ ڪوشش ڪرڻ ۾ لڳو پيو هو. هن ٻڌايو تہ هن خود بنا ڏيتي ليتيءَ جي شادِي ڪئي هئي. ايتري قدر جو ويڏيءَ جي ساڙهي بہ ڪنوار لاءِ ساهرن مان آندي ويئي هئي.

هن پنهنجي پٽ ۽ ڌيءُ جي شادِي بہ بنا ڏي وٺ جي ڪئي. اِهو ٻڌِي مونکي تہ عجب لڳندو هو تہ هِن زماني ۾ ڪيئن نہ ڇوڪرين وارن کي پريشان ڪري واڳهوءَ وانگر وات ڦاڙي ڇوڪري وارا سِڌو ڳرڪائڻ جي ڪوشش ۾ رهن ٿا ۽ هِن گهٽ ۾ گهٽ چاليهہ سال اڳ جنهن کي اسين پراڻو زمانو چئون تہ اُن ۾ ئي ڏيتي ليتي نہ وٺي غذب ڪيو اٿائون.

هُن جي هر ڳالهہ پراڻي هوندي بہ نئين پئي لڳندي هئي ۽ چوڻ جو ڍنگ ۽ لهجو اهڙو هوس جو ماڻهو ٻور ئِي نہ ٿئي.

هڪ دفعو مون همت ڪري پڇيومانس تہ سائين! توهان مندر ۾ ويندا آهيو؟ ايشور ۾ وشواس ڪندا آهيو يا نہ؟

شبوا هنجي عبادت

هن شير، دلير، سماج شيوڪ ۽ اِنساني فرشتي کي اسپتال جي پلنگ تي بيبس، لاچار ۽ بيهوش ڏسي منهنجو هيانءُ ڏري پيو. اکين ۾ ڳوڙها ترِي آيا.

هوُ عمر جو بزرگ هو. هوُ کو منهنجو مٽ مائٽ به نه هو. هن سان سڃاڻپ صرف بس اِسٽينڊ تي بينڌ هڪ مسافر جيان مون سان ٿي هئي. مان هوس هڪ وڪيل ۽ ويندو هوس بس ۾ ۽ اُن لاءِ ڪڏهن ويهه منٽ يا اڌ ڪلاڪ اِنتظار ڪرڻو ئي پوندو هو ۽ هيءُ پلو مڙس هو ڪار وارو، سو جيترن ڪارن ڪوٽن وارا وڪيل ڏسندو هو، هوُ ڳاڏِي بيهاري اُنهن کي لفت ڏيندو هو ۽ پوءِ اُنهن سان به چار دفعا مونکي به هوُ ڪارَ ۾ وٺِي ويو هو ۽ پوءِ جڏ چهري جي سڃاڻپ سان هوُ منهنجو جڏ سڏ دوستن مان هڪ نهي ويو هو.

هنجي چهري جي سنجيدگيءِ ۽ گنڀيرتا ڏسي پهرين ته مونکي پڻ لڳندو هو پر اڳيںءَ سيٽ تي جيڪو وِهندو هو اُن سان سچو رستو هوُ ڪجھ نه ڪجھ پيو ڳالهائيندو هو، شايد پنهنجي زندگيءِ جا انيو ڪتا منا جيڪي ياد جوڳا هئس.

پوءِ هڪ به دفعو اڳيںءَ سيٽ تي وِهڻ جو سوڀاڳيه مونکي به مليو ته مونکي خبر پئي ته هوُ تمام هسمک، زنده دل ۽ دل ۾ اِنسان ذات لاءِ سِڪ ۽ پيار رکڻ وارو آهي. هڪ به دفعو هن چهچٽا بڌائي ڪار جي سيني وڪيلن کي خوب کِلايو به هو ۽ پوءِ آهستي آهستي منهنجي من مان تن جي

ڏنو تہ مان اُنهنجا نالا لکي رهي آهيان جيڪي ايشور کي پيار ڪندا آهن. اِهو ٻڌي ابوبن عجب ۾ پئجي ويو ۽ چيائين، ڀلا منهنجو بہ اِن رجسٽر ۾ نالو آهي يا نہ؟ پريءَ تمام ڌيان سان اُها لسٽ ڏٺي ۽ پوءِ يڪدم چيو تہ هن ۾ تہ تنهنجو نالو ڪونہ آهي. ابوبن قاسم تمام نراس ٿيو. پري ڪم پورو ڪري ويئي هلي. ابوبن قاسم هوند وڏيڪ تن من سان اِنسان ذات جي شيوا ۾ جنبي ويو ۽ پريءَ واري ڳالهہ ڀلجي ويو.

ڪجھ ڏينهن بعد هن ڏنو تہ رات جو وري پرڪاش هنجي ڪمري کي گهيڙي ويو ۽ اُهائي پري وري رجسٽر ۾ ڪجھ لکي رهي آهي. قاسم اڄ وري پڇيس، پري! اڄ وري ڇا پيئي لکين؟ پري" چيو، اڄ مان اُنهن جا نالا لکي رهي آهيان، جن کي ايشور پيار ڪندو آهي. ابوبن خوش ٿي پڇيس تہ اجوڪي لسٽ ۾ ڏس تہ منهنجو نالو آهي ڇا؟ پريءَ ڌيان سان رجسٽر ڏنو ۽ اُن ئي موهيندڙ مسڪان ۾ چيائين، توهانجو نالو پهرئين نمبر تي آهي.

اِها آکاڻي ٻڌائي، دوست چيو تہ اسانجو ڪنهن لسٽ ۾ نالو هجي يا نہ هجي، مان تہ اِنسان جي شيوا ۾ وشواس ڪندو آهيان. اِن ۾ شڪ نہ آهي تہ سماج شيوي اهڙي ڪابہ سنسٿا نہ هوندي، جنهنجو هو ميمبر نہ هجي. هڪ ٻن سنسٿائن جو تہ هو پريزيڊنٽ ۽ سيڪريٽري هو. سماج جي ڪُرسمن کي تڙي ڪڍڻ، غريب ۽ وڌوا عورتن کي هر مهني سنسٿائن کان اناج مئسر ڪرائڻ، غريب سنڌي وديارٿين کي ڪتاب ۽ ڪاپيون مئسر ڪرائڻ، بيمار ۽ اسهايہ انسانن جي شيوا

اِن تي چيائون تہ پائي مان مندرن تڪائن ۾ وڃڻ ۾ وشواس نہ ڪندو آهيان. ٻاهران ئي هٿ جوڙي ڇڏيندو آهيان. مان رامڪرشن پرمهنس، وويڪانند ۽ دياننددي جي ويچارن سان سهمت آهيان تہ ايشور جي گهنڊ گهڙيال وڄائڻ ڪان وڌيڪ اسين اِنسان ذات جي شيوا ڪيون ۽ اُنهن جا ڏک درد دور ڪيون.

منهنجو من ڪڙو ٿي پيو، ڇو جو مان تمام وڏو آستڪ آهيان. صبح شام ايشور جي مورتيءَ اڳيان ضرور هٿ جوڙي پرارٿنا ڪندو آهيان. پوءِ چاهي اُها پرارٿنا سوارٿ سان ڀرپور ڇو نہ هجي. مندر ۾ بہ هفتي ۾ هڪ بہ دفعو تہ ضرور ويندو آهيان ۽ گهنڊ وڄائي حاضري هڻائي ايندو آهيان. سوچيم هيءُ تہ وڏو ناستڪ ٿو لڳي. پر ڳالهہ من ۾ ئي رکيم تہ بہ شايد هوُ منهنجي ويچارن کي سچائي ڏيو. آخر تہ قانون جو گياتا هو، وار بہ اُس ۾ تہ ڪونہ اڇا ڪيا هئائين. سو ڇيائين تہ هڪ مزيدار قصو ٿو ٻڌائيانءِ. هن شروع ڪيو تہ: هڪ زماني ۾ ابوبن قاصم هڪ تمام سنو ماڻهو ۽ اِنسان جي شيوا ۾ وشواس رکي اُنهن جي تن من ڌن سان مدد ڪندو هو. هڪ ڏينهن هوُ گهري ننڊ ۾ سمهيو پيو هو تہ يڪدم هن کي ڪمري ۾ تيز روشني جو آڀاس ٿيو. هنجي ننڊ هڪدم کُلي ويئي. هن ڏٺو تہ هڪ پري هن روشنيءَ ۾ هڪ قلم ۽ رجسٽر کڻي ويٺي آهي ۽ تمام منو يوگ سان ڪجهہ لکي رهي آهي. ابوبن قاصم پاڻ کي روڪي نہ سگهيو، هن پڇيس تہ پياري پري! تون هن رات ۾ هي ڇا ويٺي تمام منو يوگ سان لکين؟ تڏهن پريءَ تمام منيءَ مسڪراهٽ ۾ جواب

خراب هئس ته چو رِسڪ ڪٿي نڪتو آهي؟ هيءَ مونکي ته سنا لڳڻ ڪونه ٿا سُجهن. هيءَ ته دل جي بيمار جا لڇڻ ٿا لڳن. پر اِئين نه چئي مون چيومان، سائين! توهانکي پورو آرام ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنهن سني ڊاڪٽر کان دوا وٺي هڪدم گهر روانو ٿيڻ گهرجي. اڪيلو نه ڪيڏانهن وڃو نه وِهو جو تڪليف وڌڻ جا چانس آهن. توهان چئو ته مان توهان کي گهر تائين ڇڏي اچان. هن جي دل ۾ سور هو، اِهو هنجي هٿ جي دل تي دٻاءَ سان ئي پڌي نظر آيو. پر پلو ماڻهو چوي ته نه نه اهڙي ڪا ڳالهه ڪونه آهي. بس ڊاڪٽر کان دوا وٺي گهر وڃي ٿو آرام ڪيان، تون فڪر نه ڪر.

مونکي فڪر ڪرڻ جي جڻ عادت پيل آهي. گهڻا ماڻهو مست ٿيندا آهن، فڪر کي دل دماغ تان اُڏائي ڇڏيندا آهن. پر مان ست ڏارئي جي دک کي به پنهنجو دک سمجهي پيو پاڻ چنتائون ڪندو آهيان. اهڙين چنتائن مان ڪجهه ورندو ته ڪونه آهي، بيٺو منهنجي ننڊ آرام حرام ٿي ويندو آهي. پر ڇا ڪيان عادت کان لاچار آهيان. وس ۾ نه آهي ته بيفڪر ڪڏهن ٿي به گهڙيون گهاريان.

پريان بس ڏسي ڇوڙ لڳو، توهانجي بس اچي ويئي آهي، اچ توهان کي ڪار ۾ نه وٺي هليس، اِن لاءِ تڪليف معاف ڪندا.

منهنجي منهن تي مرڪ ڊوڙي آئي. من ۾ پيو چوان واهه جا تنهنجا ناٽ اٿيئي. تنهنجي ابن ڏاڏن به ڪڏهن ڪار ۾ سئر ڪيا هئا، جو تون ٿو ڪرين؟ پر هاڻي ڪڏهن ڪڏهن ڪار ۾ وِهڻ جا چانس به ويئه هلي.

ڪرڻ، هن جا ڪم هئا. مان سمجهان ٿو ته حقيقت ۾ هو سچي تن من سان هنن جي شيوا ڪندو هو ۽ هن ڪهاڻي مطابق هو ايشور جو پيارو آهي، اِهو مونکي نشچو ٿي ويو.

اسانجي ملاقات تمام گهٽ ۽ صرف بس اِسٽئنڊ کان ڪورٽ تائين محدود هئي، سا به روز نه. ڪڏهن بس مونکي اڳ ۾ ملي ويندي هئي، ڪڏهن مان دير سان اِسٽاپ تي پهچندو هوس. اِنڪري ملاقات گهٽ ٿيندي هئي. پر جڏهن به ٿيندي هئي ته هن ڏانهن عزت ۽ شرڌا هوند وڌندي هئي.

هڪ ڏينهن اِسٽاپ تي بيٺو هوس ته ڏسان همراهه هٿ ۾ ٽفن جي ٿيلهي کنيو، پنڌ اُداس ۽ بوجهيل قدمن سان اُبتي رستي تان هلندو پيو اچي. هن جو پنڌ هلڻ مونکي جڻ عجيب پيو لڳي. هميشه ڪار وارو جيڪڏهن پنڌ هلي ته عجب لڳڻ مناسب آهي. مونکي ڏسي بيهي رهيو. چوڻ لڳو ته رات کان طبيعت بي حال لڳي پيئي آهي. ڇاتيءَ جي دل واري ڏائي پاسي تي هٿ رکي چوڻ لڳو ته ڇاتيءَ ۾ سور ٿي پيو آهي، رکي رکي پگهر پيا اچن. دل اهڙي پيئي گهبرائي جو پڇ ئي نه. پر اڄ مونکي آفيس ٿوئر سان باهر وڃڻو هو، سو روئي ڪٽي همت ڪري نڪتس ته سهين پر بس اِسٽئنڊ تان ئي واپس موٽي آيس، جو همت ئي نه ساريم وڃڻ جي. مونکي وِهڻ بلڪل پسند ڪونهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيهي ڳالهائي سگهندو آهيان. پر اڄ ته بيهڻ جي طاقت ئي ڪوچ ڪري ويئي آهي. سهڪان پيو ٿو.

مونکي هن تي عجب لڳو. من ۾ چيم ته طبيعت

بنگلن ۽ ڪار جو مالڪ، بئنڪ بئلنس خوب، ڇاجي لاءِ فڪر ۽ وينتيون ڪري؟ پر اڄ ٿي ته ڪير ڇوي پيو ته هن وٽ پنج ڇهه پنهنجا بنگلا هوندي به هڪ به خالي نه ٿي مليو اٿس. ڪيس ڪري رهيو آهي پر پاڻ مسواڙ جي جاءِ ۾ رهندو آهي. اِنهين ڪي چوندا آهن قسمت ۾ سک لکيل نه آهي ته ملندو ئي ڪونه.

در کولي آءُ ٻڳت ڪيائين، چي- هاڻي ٿورِي فرحت آهي. مونکي آٿت ٿيو، مان موٽي آيس.

ٻئي ڏينهن اِسٽاپ تي بيٺو هوس ته ڏسان پريو مڙس ڪار ڪاهي پيو اچي. مونکي پر وارِي سيٽ تي وِهاري لڳو ڳالهيون ڪرڻ، جڻ ڪو ڪلهه ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هوس.

اڄي بگلن جهڙا صاف ڪاڏي جا ڪپڙا، سرير ۾ اُهائي چستي ڦڙتي. مونکي بنا ڳالهائڻ جو موقعو ڏيندي چيائين، اڄ مونکي ڪورٽ ۾ جلد پهچڻو آهي، اِنڪري تيز رفتار سان ٿا هلون. پوءِ منهنجو هڪ پوليس آفيسر سان اپائنٽمينٽ آهي. خبر اٿيئي ته هڪ سنڌي ڇوڪريءَ ڪي هڪ بدنيت ڇوڪرو ڀنيلائي پاڻ سان وٺي ويو آهي، پر ڇوڪري نابالگ آهي. هنن ڪي پڪڙي پوليس قبضي ۾ ڪيو آهي، اِن لاءِ وقت تي پهچي ڇوڪريءَ ڪي مائٽن جي سپرد ڪرائڻو آهي.

ٻي اپائنٽمينٽ به آهي ''هڪ ڇوڪري پنهنجي زال ڪي ڇڏي ڏنو آهي ڇوڪرِي پيڪن ۾ ويٺي آهي. مان ٻنهي ڪي سمجهايان ته ڇوي پٽ نٿو مڃين. اڄ ٻنهي ڪي گڏجي سمجهوتو ڪرائڻو آهي.''

پريو مڙس آهستي آهستي قدم رکندو ويندو پيو نظر اچي. بس ۾ هن پرئي مڙس جو ڌيان برقرار رهيو. ايترو ئي نہ سڄو ڏينهن منهنجو من بيچئن ۽ بافڪر رهيو. من تي هن جي بيماريءَ جي چنتا جي بوجھ شام تائين ايڏو ڳرو ڪري ڇڏيو، جو دل دماغ سور ڪان ڦاٽڻ لڳا. سوچيم الائي هن جو ڪهڙو حال ٿيو هوندو. هيتري ننڍي ملاقات جي دئران، صرف ٿوري سفر جي ساٿيءَ لاءِ ايڏي همدرديءَ ۽ سنيهہ چوليون ماري اکين جي پاٽيءَ رستي ڪڏهن هن ڏانهن پنهنجپائيءَ جا اِشارا پيو ڪري، سمجھہ ۾ ئي نہ پيو اچي. ڪورٽ مان هنجي ائڊريس پڇي سِڌو پهريون دفعو هنجي گھر پهتس. دل ڌڙڪي پئي تہ ايشور پلو ڪري، الائي ڇا ٿيو هوندو. پر موت ۾ جنهن در کوليو سو اُهو پريو مڙس ئي هو. هن کي نيڪ ڏسي دل تان جڻ ڪافي بوجھہ هلڪو ٿي ويو. دماغ جون نسون بہ ٽوڙيون ڍليون ٿيون. مون هن کان طبيعت جو حال پڇيو. چيائون، دوا وٺان پيو، مڙيوئي ايشور سَٺائي ڪندو. اِهو ٻڌي مونکي عجب لڳو. هن چيو هو تہ مان ايشور کي ياد ئي ڪين ڪريان، وري چوي ٿو تہ ايشور سَٺائي ڪندو، سو وري ڪيئن! مونکي تہ فڪرن فيٽڻ جي عادت آهي، رات ڪري صبح شام پراوا پنهنجا فڪر ايشور تي ڇڏڻ لاءِ پيو ٻاڏائيندو آهيان. جيئن اڄ سڄو ڏينهن ايشور کي پيو وينتيون ڪيان تہ پرئي مڙس کي تندرستي بخشيس ۽ وڏي عمر ڏينس. ٻئي من چيو، نيڪ بہ آهي، هن کي ڪمي ڪهڙي آهي، جو ايشور در ٻاڏائيندو. عهدو، فئنسي

نہ ايشور ابتري شفا هن کي بخش جو وري ڪار ڪاهي بنهنجي ڪم تي وڃي.

پوءِ ڪجهہ منهنجي دعائن ۽ ڪجهہ هنجي گهر وارن جي شيوائن، دوستن رشتيدارن جي پرارٿنائن اثر ڏيکاريو هؤ آهستي آهستي ٺيڪ ٿيڻ لڳو ۽ ڪافي ٺيڪ ٿي ويو.

دل جي مريض کي ڊاڪٽر صبوح شام گهمڻ جي صلاح ڏيندا آهن. چوندا آهن تہ دل کي دل سان راحت ٿيندي آهي. هن کي ساں گهڻا ئي دفعا چئي چڪو هوس تہ سائين منهنجي گهر پيرڙا تہ گهمايو. چوندا، ها ها، مان ضرور ايندس، پرامس تو ڪريان. پر مان هڪ وقت بہ گلاس پاڻي پيئندو آهيان ۽ بہ ڪوپ چانهہ. مون چيو سائين ”پلي، توهان اچو تہ سهين.“

شايد هن کي اِهو پرامس ياد هو هڪ ڏينهن شام جو گهمندو ڦرندو اچي منهنجي گهر نڪتو. مان ٻاهر نڪران تہ عجب جي حد نہ رهي، منهنجو گهر مٿي هو ۽ هن کي ڏاڪڻ چڙهڻ جي منع هئي، هيٺ ويٺي ئي هن چيو، گهڻن ڏينهن جون ڳالهيون دل ۾ دٻيون پيون آهن، سوچيم ڪجھ تہ هلڪو ٿيان تو بنا ڪير ٻڌي بہ تہ ڪونہ ٿو ۽ تو وٽ اچڻ جو مون جيڪو پرامس ڪيو هو سو بہ پورو ڪيان.

مون چيو، ”سائين توهان لان ۾ وهو تہ مان بہ گلاس پاڻي ۽ بہ ڪوپ چانهہ کڻي اِجهو آيس.“

چيائين، ’نہ نہ، تنهن کان تہ ڪجھ ٻڌي وٺ، چانهہ چا مونکي اِئين ڏوکڻي ٿورئي آهي. هن مونکي ٻاڻ وٽان چرڻ ئي نہ ڏنو ۽ ويو ڳالهائيندو.

اِهي ڳالهيون ٻڌي منهنجا نه ڇهه ئي ڇڄي ويا. پنهنجو ڏک پلجي هاڻي سماج شيوا ڪرڻ هليو آهي. جيڪر بيمار ٿي پيو ته هوءَ ڇوڪري ڇڏائيندس يا هوءَ نونهن؟

مان اجا ڪجهه چوڻ لاءِ منهن کوليان ۽ هوُ پنهنجي ڳالهه پوري ڪرڻ جي موڊ ۾. مطلب ته سماج شيوا جو هڪ نشو هو، هڪ لڳن ۽ اُن ڏانهن لاڙو ته سنڌي ۽ سنڌيت قائم رکڻ جو حامي هو. ڳالهين ڳالهين ۾ ڪورٽ پهچي وياسين ۽ پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ جنبي وياسين. مون به سوچيو هاڻي ٺيڪ هوندو خطرو ٽري ويو. سو بيفڪرو ٿي ويس.

صبوح ساڻ ڪنهن خبر ڏني ته فلاڻي کي سيويئر هارٽ اٽيڪ ٿيو آهي. اِسپتال ۾ پرتي آهي. مونکي جنهن ڳالهه جو اِمڪان هو سو سچ ٿي ويو.

اِسپتال وڃڻ کان اڳ ته بس ايشور کي هٿ جوڙي نيضاريون پيو ڪيان، ٻاڏايان پيو ته پرئي مڙس کي شفا بخش. هن کي عمر دراض ڪر.

۽ اُن ڏينهن اسپتال ۾ وڃي ڏٺم ته هوُ شير، دلير، سماج شيوي اِسپتال جي پلنگ تي بي سڌ، لاچار ۽ بيهوش پيو آهي. شايد دوائن جو نشو هجيس ۽ ننڊ هجيس ڏسي ٻاهران ئي هلي آيس. ٻه ٽي دفعا وڃڻ ڪانپوءِ به هن جو درشن ۽ ڳالهائڻ نصيب نه ٿيو جو اِنسينٽو ڪيئر يونٽ ۾ وڃڻ ۽ ڳالهائڻ جي منع آهي. اُن ڪانپوءِ اِسپتال وڃڻ بيڪار سمجهي مان ڪورٽ جي ساٿين کان ئي هن جي خبر چار لهندو هوس ۽ رات ڏينهن ٻاڏائي پرارٿنائون ڪندو هوس

هير چڻي پير

نٿوءَ ماءُ جي اِها هير هئي تہ روز صبوح جو اُٿي سنان پاڻي ڪري نيرن ڪائي يارهين بجي ڌاري تيار ٿي سيروءَ ماءُ وٽ جيڪا روز پوڙهين جي ميٽنگ ٿيندي هئي، هلي ويندي هئي.

عمر هوندس ڪا پنجاهہ پنجونجاهہ. اجا اُهو ڳوناٺو پڙو اڇو يا ڪڏهن ڪڏهن ڇيٽ تي. پيرن ۾ پهرين تہ سپاٽو پائي ست ست ڪري هلندي هئي پر هاڻي اُهو پوڙهين ۾ بہ آئوٽ آف فئشن ٿيڻ ڪري چمپل پائي، نڪ جي نٿ لوڏيندي جيڪا وڏن جي نشاني يا ڇڏجي تہ وڏن جي جاگير جنهن تي هنجو جنم سِڌ اڌڪار هو لوڏيندي هلي ويندي.

ويچاري نٿو ڪو ڪليڪٽر ڪونہ هو. هو هڪ گاڏو هلائيندڙ. گاڏي ۾ بارن لاءِ لايون، بسڪوٽ، ٽافيون، پڳڙا، نمڪين وغيرهہ ڦيرِي ڪري شام جو ٿڪل گهر اچي نڪرندو هو. صبوح جو سويل ستين بجي پنهنجي ڌنڌي تي نڪرِي ويندو هو. روزِي تمام ڏکِي پئِي هليس.

نٿوءَ ماءُ کي هڪ نٿو ئي سِڪي لڌو پٽ هو ۽ هڪ ڌِيءَ جيڪا هاڻي ساهرن ۾ سکِي هئِي. بہ ئِي بار هئا.

نٿوءَ جو پيءُ تہ نٿوءَ جي ٻالپڻ ۾ ئِي گذاري ويو هو جنهن جي تہ شايد سانپر بہ نٿوءَ کي ڪونهين پر نٿوءَ ماءُ نٿوءَ کي محنت ڪري سِلائِيءَ جو ڪم ڪري ڪجهہ مڙس جي مڙيل پيسي کي فبسنائيءَ سان خرچ ڪري جبئن تيئن

مان ڳالهائڻ لاءِ اچا ڇهنب ڪوليان مس ته ڇوي ڀرين منهنجي ٻڌ. وبندي ڪلاڪ نڪري ويو ۽ پريو مڙس وچين ڳالهائيندو. هن جي قصن ۾ ايڏو رس جو گهر جا سڀ ڀاتي هڪ هڪ ڪري مڙي اچي ميڙ ٿيا.

سوچيان پيو ته ڊاڪٽر هيترا ڏينهن نه ڳالهائڻ ڏنن، اُن جي ڪسر پيا ڪڍن. هينئر بہ گهٽي ڳالهائڻ جي منع هوندي بہ پاڻ کي روڪي نٿا سگهن. هن جي جزبن کي مان سمجهان پيو ۽ هن جي مجبوريءَ کي پڻ ته بہ ايترو ضرور چيم ته توهان کي آرام ڪرڻ کپي ڳالهائڻ گهٽ کپي.

مون پڇيومان، ”سائين توهان کاديءَ جا ڪپڙا ٿا پايو ڇا ڪنهن پارٽيءَ جا ميمبر آهيو ڇا؟“

چيائون، ”جوانيءَ ۾ اسان کي بہ ديش پريم جو جزبو ۽ جوش هو. پاڪستان ۾ آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ جلوس ۾ ويندا هئاسين ته جيل ۾ وڃڻو پوندو هو.“

مون نتمستڪ ٿي چيو، ”سائين پوءِ ته توهان سوتنترتا سيناني هوندا، توهان کي پينشن ملندي هوندي.“

چيائون، ”نہ نہ مان اهڙي ڏيکاو جي خلاف آهيان، مون تہ پاڻ کي اِن قطار کان ٻاهر رکيو آهي. مون کي مفت جي پينشن نہ کپي اڄ مان محنت ڪري روزي روٽي پيو ڪمايان.“

منهنجي شرڌا ويتر هن ڏانهن وڌندي ٿي ويئي. چيومان ”سائين ! توهان گهٽ ڳالهايو.“ تہ چيائون، ”مان ڪٿي تو ڳالهايان؟ ڏس هينئر بہ تون ئي تون پيو ڳالهائين.“

ڦرت سپ خبرون هنن کي بنا ڪنهن ڪوشش ملي ويندي يون هيون.

منهنجي خيال ۾ هنن کي اخبار نويس وٽ رپورٽر هئڻ ڪپندو هو جيئن هنن کي ايڏي پچ ڊوڙ ۽ ڪوششون نه ڪرڻيون پون. ڪل ملائي ڪري هو آل اِنڊيا ريڊيو کان ته به گهٽ نه هيون.

سيروءَ ماءُ وٽ اچي سڀ چو جهڳٽ ٿينديون هيون، اِهو راز پوءِ ٿا کوليون.

سيروءَ ماءُ جا ٽي ئي پٽ هئا. هڪ هتي ئي ڪنهن آفيس ۾ وڏي عهدي تي آفيسر هو. ٻيو ممبئيءَ ۾ جايون ٺهرائڻ جو ٺيڪيدار هو ۽ ٽيون مرڳو ئي اميريڪا هو ۽ پريون ڏن جون ماءُ وٽ پيو موڪليندو هو.

سيروءَ ماءُ جا ٻه پٽ ته شادي شده هئا. اميريڪا وارو سيرو ئي ڪنوارو هو، جنهن لاءِ هوءَ ڪنهن سٺي ڇوڪريءَ جي تلاش ۾ هئي، پر هر دفعي سندس سيرو ڪنهن به ڇوڪريءَ کي پسند نه ڪري واپس روانو ٿي ويندو هو.

سيروءَ ماءُ جي جاءِ ڇا هئي محل هئي محل. سنگمرمر جا فرش، وڏا حال، وڏا ورانڊا ۽ رسوئي به شاهي هئس ۽ بلڪل ماڊرن نموني ٺهيل هئس. هتي واري نونهن به نوڪري ڪندي هئس ۽ هن کي اجا ڪو ٻار ٻچو به نه هو. ڏهين ٻڪي زال مڙس جي نڪرڻ کان پوءِ سيروءَ ماءُ جو ئي راڄ هو.

ڪري ٻنهين ٻارن کي پاليو هو ۽ ٻنهين جي شاديءِ هڪ ڏينهن ئي تمام سادي نموني ڪرائي پاڻ کي جڻ آجو ڪري ڇڏيو هو.

هاڻي نٿو جڏهن ڪمائڻ لائق ٿيو هو تڏهن کان هن محنت ڪرڻ ڇڏي ڏني هئي ۽ هنن کي پنهنجي پاڙي هلڻ جي ڇوٽ ڏئي سيني زميندارين کان مڪتي پاتي هئي.

پلا پوڙهو سِر سڄي عمر پيو گهندو ڇا؟ پهرين جوانيءَ ۾ پنهنجا ٻار پال، سس سهري جي شيوا ڪر، وري پوٽن پوٽين کي پال ۽ گهر ٻه هلاءِ، روٽيون ٺاهه اِهو قصو ته ڪڏهن ختم ئي ڪونه ٿيندو. اِهو سوچي نٿوءَ ماءُ پنهنجيءَ نونهن تي پاڙي سڀ ڇڏي پنهنجي وندر لاءِ پوڙهين جي ميڙ ۾ وڃي حاضر ٿيندي هئي. نٿو ۽ نٿوءَ جي زال درو نڪو هئا پڙهيل نڪو وڏيون خواهشون رکندڙ. سادو کائڻ، سادو پائڻ ۽ سادي رهڻي. هڪ ننڍڙو رڌڻو، ٻه ننڍيون ڪوٺڙيون اڳيان ننڍو دالان. اِها جاءِ ٻه نٿوءَ ماءُ هڻ پٽ ڪري قليمن ۾ حاصل ڪئي. ڏئي وٺي اِهائي جاءِ هنن جي ملڪيت هئي. باقي نٿو ته روز آڻ ۽ کاءُ جيترو ئي آسامي هو. نٿوءَ کي پڻ ٻه ٻار ڇوڪرو ۽ ڇوڪري هئا، دُرو اُنهن سان ئي رڌي پئي هوندي هئي.

ها ته نٿوءَ ماءُ سيروءَ ماءُ جي گهر وڃين سڄي زماني جون خبرون ڏيندي ۽ وٺندي هئي. هنن مان نه ڪير ريڊئي تي خبرون ٻڌندو هو نڪو وري اخبار پڙهندو هو پر هنن جي ڪنن ۾ الائي ڪهڙي آٽوميٽڪ وايرليس هئي، جو ترت-

اِن تي سيروءَ ماءُ چيو، ”ائي سو سيڪو هڪ جهڙو ٿورئي آهي.“

نٿوءَ ماءُ وراڻيو، ”مائي مونکي تہ ڊپ آهي تہ ڪٿي تنهنجو سيرو بہ اُتي ئي ڪا گوري ئي نہ ڪري وٺو هجي جو سيني جا نقص پيو ڪڍي.“

سيروءَ ماءُ موڙو ڏيئي چيو تہ نہ ”مائي منهنجي سيروءَ کي اهڙو نہ سمجهہ.“

اجوڪي ميٽنگ ٿوريون هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري پاڻ ڪائي چانهن پي، ڏيڍ بي بجي ميٽنگ برخاست ڪري چمپل سٽڪائيندين گهر هلي ويون.

ٻئي ڏينهن وري ميڙ. نٿوءَ ماءُ اچي اجا وينيءَ ئي ڪونہ ۽ رڙ ڪري چيائين ٻڌين ٿي سيروءَ ماءُ، ”ائي هوءَ ڪونہ هئي موهني ڊالومل جي ڌيءُ ائي جيڪي ٿيءَ گهٽيءَ ۾ رهندا آهن؟“

ها، سو ڇا؟

”ٻڌو آهي تہ اُها سامهون واري گهر جي ڇوڪري سٿوءَ سان ڀڄي ويئي آهي.“

”ائي، سو اِهو وري ڪيئن ٿيو؟“

نٿوءَ ماءُ ڳالهہ کي وڌائيندي چيو، ”ٿيو هيئن جو موهني جي مڱڻي احمدآباد ڪرائي هئائون. موهني ۽ سٿو هڪ ئي آفيس ۾ نوڪري ڪندا آهن سو هڪ ٻئي سان دل لڳي وين ۽ ڇوڪريءَ شرم يا ڊپ کان ماءُ پيءُ کي ٻڌايو

ڏهين ٻجي سيروءَ ماءُ جو گهر تي ويندو هو خالي ۽ هن سنگمرمري فرش تي وهڻ ئي جڻ پاڳ وارا ايندا هئا. اُتي سيروءَ ماءُ دل کولي پنهنجي ساهڙين جو پاپڙ پاڻي ۽ چانهن سان سنمان ڪنديِ هئي. سٽيي آساميءَ سان گڏ شاهه دل هئڻ سبب ئي سڀ هت اچي جهڳٽ ٽيندين هيون ته پوءِ اِن ۾ عجب ڪهڙو؟

خبرون نيون ۽ تازيون گهڻو ڪري ٻڌائيندي ئي نٿوءَ ماءُ هئي.

اڄ محفل مچندي ئي نٿوءَ ماءُ تير هنيو، ائي اديِ سيروءَ ماءُ ٻڌو اٿيئي ڍالوءَ ماءُ جو ڍالو جيڪو سال ٻه اڳ امريڪا ڪونه ويو هو؟

سيروءَ ماءُ وچ ۾ ٽوڪيس ''ها، ها سو ڇا؟ ڇئه نه؟''

''سو وري ڇا؟ ٻڌو اٿائون اُنهين گوريءَ ميم سان شاديِ ڪري اُتي ئي گهر وسائي ڇڏيو آهي.''

سيروءَ ماءُ تپرس مان چيس، ''مئي، چوين ڇا پيئي تو وري ڪٿان ٻڌو؟ ڍالو ته منهنجي پٽ واري شهر ۾ ئي آهي اُنهين ته ڪجهه ڪونه لکيو آهي.''

''ائي سو لکي لکي اُن ڪان اڳ اسان کي ئي خبر پئجي ويئي آهي، ڏسڄ اِها خبر ڪوڙي نٿي ٿي سگهي.''

پيروءَ ماءُ جيڪا اجا چپ وينيِ هئي، ''ائي مائي سناخت ئي نڪري ويئي آهي، اڄ جي ٻارن جي. ماءُ پيءُ وينا ڇوڪريون ڳولهين ۽ هي گوريون وٺي ويهيون رهن گهر ۾ خبر نه چار.''

شهر جي ڳالهه آهي. سنو ٿيو جو مون ننڍو نٺوءَ کي پڙهايو ننڍو پڙهيل ننهن ورتم.''

اهڙيءَ طرح تون تون مان مان ڪري سڀ گهر موٽي ويئون. روز اِن طرح هنن جي ميڙ جو ڪم ڪنهن جا نقص ڪڍڻ، برايون ۽ اوگڻ ڏسڻ هو. اِن ۾ ئي هنن کي ڪن رس ۽ من رس ملندو هو.

شام جو جيڪو ڪلاڪ ڪن ستسنگ ۾ ٻه ويندِيون ته اهڙيون ڪن رس، من رس هنن کي نه ملندو هو. اِها خبر ٻه هر ڪنهنجي ويچارن ۽ عادت جي ڳالهه آهي. گهڻو ڪري هنن جو ڪم نقص ڪڍڻ جو هو.

نٺوءَ ماءُ جي ته پرپٺ سڀ برائي ڪنديون هيون ته ڪيئن نه ٻين جا ٽاڪا کولي. پاڻ گهر ۾ ننهن کي سڄي ڏينهن ۾ ڪک ڪٽڻ بيٺو ڪرڻ جي مدد ڪونه ڪري.

ڪجهه ڏينهن بعد سيروءَ ماءُ جي ممبئيءَ واري پٽ کي ڪڪو ڄائو ۽ سيروءَ ماءُ گهر ۾ سڄي ڏينهن جي سڻي نوڪرياڻي رکي ڪجهه ڏينهن لاءِ پوٽي کي ڏسڻ ويئي.

تڏهن پوڙهين جي ميٽنگ ويروءَ ماءُ جي گهر بدلي ٿي ويئي. ويروءَ ماءُ سيروءَ ماءُ کان ٻيو نمبر سٽيو آسامي هئي. پر محفل اُها نه مچندي هئي جهڙي سيروءَ ماءُ جي گهر. ڇو جو هوءَ شاهه دل ۽ هٿ ڦاڙ هئي ۽ پوڙهين جو سنمان تهي دل سان ڪندي هئي.

ممبئيءَ ۾ پوٽي وٽ هن کي ٻه مهنا ڪن لڳي ويا، ٻن مهنن بعد سيروءَ ماءُ جي موٽڻ جي خبر ملندي ئي

ڪونہ سندس شادي بہ ٻئي مهني جي ١٥ تاريخ ٽيڪي هئي، سو ٻئي ست ستي الائي ڪيڏانهن غائب ٿي ويا.''

پيروءَ ماءُ کان نہ رهيو ويو، ''مائي ڏس زمانو.مان ٿي چوان اج ڪلهہ تہ ڇوڪرين کي نوڪريون چا مليون آهن، ڏات کان نڪريِ ويون آهن. ڪيئن ماءُ پيءُ جو نڪ ڪٽيو ڪي نہ؟''

راڌي ماءُ بہ چپ چپ رهي چيائين، ''مان پاڻ ڇوڪرين ۽ نهرن جي نوڪريءَ ڪرڻ جي برخلاف آهيان. مُئو سِر گهٽ گهٽ کائجي، گهٽ ڇوڙجي، باقي هننجي ڪمائيءَ مان نڪ نہ ڪٽائجي.''

سيروءَ ماءُ چيو، ''سو اِهو تہ ضروريِ ڪونهين تہ سڀ هڪ جهڙيون ٿينديون. ڏس ديارام جون ٿيئي ڌيئر پڙهيل ڳڙهيل، ساديون ۽ سنسڪار واريون آهن. نوڪري بہ ڪن پر پنهنجي رستي اچڻ پنهنجي رستي وڃڻ. مجالا جو ڪير اُنهن ڏانهن آڱر کڻي يا اک کڻي نهاري؟ هر ڳالهہ کي نيليءَ مان ٿنپ نہ ٻڌائجي.''

واڌوءَ ماءُ چيو ''اِهو برابر آهي سڀ آڱريون هڪ جهڙيون نہ آهن ستن تالن ۾ بند بار بہ بگڙيِ وڃي ۽ روز ٻاهر ويندڙ بار پنهنجي عزت جو خيال رکي. اِهو تہ هرڪنهن جي سمجهہ ۽ خيالن جو ڦيرو آهي.

نٿوءَ ماءُ، '' پرمائي کهڙي منهن سان اهڙيون ڇوڪريون ڀين جي سامهون منهن کڻي ايندیون ۽ ڪيڏيِ نہ

هڪ هو راجا تمام ڏرمي ۽ داني. هڪ ڏينهن هو گهوڙن جي تبيلي ۾ سنڀال ڪري رهيو هو تہ هڪ ساڌو هن وٽ آيو ۽ دان گهرڻ لڳو. راجا پنهنجي گهمنڊ ۾ اُتي ڪجهہ نہ ڏسي لِڏ جا ٻہ ٽيرا ڪٽي ساڌوءَ کي ڏنا. ساڌو اِئين چوندو ويو تہ ”جهڙو ڏيندين، تهڙو پائيندين.“

راجا اِها ڳالهہ اِئين ئي وساري ويهي رهيو. راجا ڏاڍي ايشور جي ڀڳتي ۽ تپسيا ڪئي. روز پڇن ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيائين، جنهن جي ٻل سان هن کي سپني ۾ هڪ لِڏ جو جبل نظر آيو. راجا پريشان ٿي ويو. روز سپني ۾ هنکي اُهو جبل ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو.

هڪ ڏينهن آواز آيس تہ راجا هيءَ لِڏ توکي ئي کائڻي آهي، چاڪاڻ تہ تو هڪ سِڌ پرش کي لِڏ دان ڪئي هئي.

راجا جو جاڳيو تہ هن جا ٻہ ٻہ ويا تہ ڇهہ ٻہ ويا. سوچڻ لڳو، مار منجهان، مونکي لِڏ کائڻي پوندي؟ منهنجي هيڏي تپسيا جو ڦل هڪ برائيءَ سان هيڏو وڏو روپ ڌارڻ ڪري آيو آهي؟

راجا ڪيترن سِڌپرشن وٽ وڃي هن لِڏ کان بچڻ جو اُپاءُ پڇيو. تڏهن هڪ سِڌ پرش چيس تہ ”راجا ! سڀ تنهنجي واهہ واهي ڪري رهيا آهن. تون ڪو اهڙو ڪم ڪر جو سڀ تنهنجون گلائون ڪن، ڦٽ لانت هڻن. تڏهن هنن گلائن ڪرڻ وارن کي لِڏ کائڻي پوندي ۽ تون هن پاپ کان بچي پوندين.“

پوڙهيون خوشيءَ خوشيءَ وري اچي پراڻي جاءِ تي جهڙپ ٿيون. پر هنن کي ڏسي تپرس لڳي ويو تہ سيروءَ ماءُ جي هٿ ۾ قيرڻ واري مالها هئي ۽ مک ۾ گنيپرتا.

پهرئين ڏينهن سڀ ممبئيءَ جو حال احوال وٺي مٺائي کائي چانهن پي گهر موٽي آيون. سيروءَ ماءُ جي گنيپرتا ڏسي کنهن کي بہ هيڏانهن هوڏانهن ڳالهيون ڪرڻ جي همٿ نہ پئي ٿئي ۽ جڏهن ڳالهيون نہ ڪجن تہ ويهي ڪجي بہ ڇا؟ سو ميٽنگ جلدي برخاست ٿي ويئي.

ٻئي ڏينهن جڏهن سڀ مڙيون ۽ نقطچيني شروع ٿي تہ سيروءَ ماءُ چيو، ”اديون، مان ممبيءَ وچين تمام املهہ خزانو کڻي آئي آهيان.“

سڀني سمجهيو تہ سيروءَ کي هيرا جواهر موتي موڪليا اٿس يا سيروءَ لاءِ ڪا چوکري سٺيو آسامي ڦاٿي اٿس. پر سيروءَ ماءُ هنن جي جڳياسا کي ڏسي چيو، ”اديون مان هن لوڪ جو نہ مان کڻي آئي آهيان، ٻئي لوڪ جو پيغام. هن سچي ايشور جو. اديون اُتي ننڍيون نيٽيون ڏس تہ ستسنگ جي رنگ ۾ رڱجي لوڪ سُڌارڻ سان گڏ پرلوڪ بہ سُڌاري رهيون آهن. روز نيم سان ستسنگ ۾ وڃن.“

اڇو تہ اڄ کان اسين بہ ستسنگ شروع ڪيون. چڱو پلا هڪڙي آکاڻي ٻڌائيانو تي :

سڀني ها ها ۾ سُر ملايو. ها، ٻڌايو.

تڏهن سيروءَ ماءُ هيءَ آکاڻي چئي :

راجا اُنان جو ٻڌو سو سِڌپرش وٽ اچي ساهي پٽيائين. سِڌ برش چيس تہ ”اِنجو صرف هڪ اُپاءُ آهي. تون ايڏي تپسيا ڪر، جنهنجي ايڏي گرمي ٿئي جو دل ۾ باهہ جا شولا، ايشور جي ورهہ جا شولا ٻري وڃن، جنهن ۾ لِڏ سڙي رَکہ ٿي وڃي، پر جيڪا هڪ پڙي رَک بچندي، تنهنڪي تہ توکي ڪاٽڻو ئي پوندو.“

راجا تمام گهڻي تپسيا ڪئي، لِڏ کي رَک بڻايو، پوءِ بہ هن کي رَک ڪاٽڻي پيئي.

ايترو چئي سيروءَ ماءُ چڻ ٻئي لوڪ ۾ پهچي ويئي. مالها هنجي هٿ ۾ ڦِرڻ لڳي، اکيون بند ٿي ويون.

اِهو نظارو ڏسي سڀ پوڙهيون چڻ آسمان تان ڏرتيءَ تي اچي اونڌي منهن ڪِريون. هنن کي پنهنجي سامهون ئي نہ پر چئني پاسي لِڏين جا وڏا وڏا جبل نظر اچڻ لڳا. سڀ سمجهڻ لڳيون تہ ”ڪنهنجي ڳلا گيبت ڪرڻ سان جيڪڏهن ايڏو ڀوڳڻو ڪشٽ پوندو تہ ڪيئن ٻئي لوڪ ۾ وڃي منهن ڏيکاريندينسين؟“ اِئين سوچينديون سڀ گهر هلي ويون.

بہ چار ڏينهن ورِي ميڙ ٿيو بہ پر ڪنهن قسم جي ڳلا گيبت ڪرڻ جي ڪنهنکي همت نہ ٿي. پاڻ سڀ سيروءَ ماءُ کان پرلوڪ سڌارڻ جا قصا ٻڌڻ لڳيون. سيني جو ڪڇ ڪڇ من متجڻ لڳو.

بہ چار ڏينهن نہ ٿيوءَ ماءُ لِي بہ سڀني ۾ لِڏ جا جبل

راجا بہ ھو ھوشيار. سو چا ڪيائين جو ھڪ سُھڻي، پرين جهڙي ڇوڪريءَ کي گهرائي، اھڙو تہ سندر ۽ عاليشان محل نهرايو جو ڏسندڙ ڏندن هيٺان آڱر ڪٽي ڪن. اُن ۾ راجا ڇوڪريءَ کي وِھاري چيو تہ ”ٻچا! تون منهنجي ڌيءُ وانگر آهين پر مهرباني ڪري ڪجھ ڏينھن ھن محل ۾ رھ.“

پوءِ راجا ھڪ ڪنڊ ۾ ويهي گهور تپسيا ڪرڻ لڳو. ماڻھن کي تہ وجھ ڪپندو ھو. سو چيائون، ”ڏسو ھن راجا کي، اچن وارن ۾ اچي مت خراب ٿي اٿس. ٻڍاپي ۾ اچي عشق انڌو ڪيو اٿس.“

سڀ بزار ۾، گهرن ۾ ميڙ ڪري راجا جون ڳالھيون ڪرڻ لڳا.

ڪجھ ڏينهن بعد راجا سپني ۾ ڏٺو تہ برابر لِڏ آهستي آهستي گهٽ ٿيندي پئي وڃي ۽ ھڪ ڏينھن اھڙو آيو جو لِڏ جا بہ ٽيرا ئي رهجي ويا. پر اِھي تہ ختم ئي نہ ٿين. ھاڻي راجا سوچ ۾ پئجي ويو. وري ويو سِڌ پرش وٽ، اُن چيس، ”راجا! جيڪڏھن مني تنهنجي برائي ڪري تہ پوءِ اُھي بہ ٽيرا بہ ختم ٿي ويندا.“

راجا فقيراڻو ويس ڪيو ۽ منيءَ وٽ وڃي چيو، ”سائين! توھان ٻڌو تہ راجا جي مت مارجي ويئي آھي، ٻڍاپي ۾ عشق پيو ڪري.“

مني ھو پهتل، چيائينس، ”راجا! تون فقيراڻو ويس ڪري مونکي دوکو نٿو ڏيئي سگهين. اِھا لِڏ تہ توکي ئي ڪاٽڻي پوندي.“

اَنڌي ممتا

گهر جو ڪم ڪار لاهي گيتا تيار ٿي وئي.

هفتي ۾ هڪ ٻه دفعو گيتا ۽ نيتا گڏجي خريداري ڪرڻ لاءِ نڪرنديون آهن. گهر جو راشن پاڻي، ڀاڄي ڀَتي، ڪُتي وَڏي خريد ڪري ڪلاڪ ٻن ۾ واپس اچي گهر سَکي ٿينديون آهن.

ٻئي پاڙيسري آهن، پر پريم سڳين ڀينرن کان به گهڻو. ٻنهي جا گهر وارا گوپال ۽ گڻيش به هڪ ٻئي جا جگري دوست آهن. روز هڪ ڦيرو هڪ ٻئي وٽ نه ڪن ته ماني ئي هضم نه ٿئين.

ٻئي ڏينهن نيتا جي گهر مهمان اچي وڃڻ ڪري هن کي وري بزار وڃي ڏهي، ڀاڄيون، ڦل وٺي اچڻا پيا.

هن پري کان ڏٺو ته گيتا جو پٽ راجو پاڙي جي سائيڪل تي گهمي رهيو آهي. هن کي عجب لڳو، جو اِسڪول کليل هئا، اڄ موڪل به ڪونه هئي پوءِ راجو ڪيئن بيٺو مٽر گشتي ڪري؟

رستي ۾ ايندي وقت هن گيتا کي چيو، ”ڇو گيتا، اڄ راجو اِسڪول ڪونه ويو آهي ڇا؟“

گيتا سهج سڀاءَ چيو، ”ها، ها، هو نه اِسڪول ويو آهي.“

نيتا چيو، ”پر مون ته بزار ۾ هن کي پاڙي جي سائيڪل تي گهمندو پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي!“

نظر آيا ۽ ڊجي ويئي. آٿندي وِهندي ايشور کان معافيون پني گهرنديِ هئي تہ ”ديِن بنڌو! منهنجا اپراڌ ڪميا ڪر، مون تہ الائي ڪيتريون ڳالهيون ڪيون آهن، جنهن جو انت ڪونهي.“

ڪجهہ ڏينهن هوءَ ميڙ ۾ بہ ڪونہ ويئي. نونهن کي گهر جي ڪم ۾ مدد ڪندي چونديِ هئي، ”گهر جا سچا ناڪر تہ گهر جا ياتي آهن، اُنهن جي شيوا سان پرلوڪ سڌرندو.“

ڪجهہ ڏينهن اِها ڪار رهي ۽ پوءِ نٿوءَ ماءُ کي لِڏ جا جبل ڏسڻ بہ بند ٿي ويا ۽ گهر ئي گهر ۾ هنجو دم گهٽجڻ لڳو. هن کي اِهو ستسنگي آڪاٽيون بي سار لڳڻ لڳيون.

هن چمپل پاتو ۽ سيروءَ ماءُ جو گهر لتاڙي ويروءَ ماءُ جي گهر ڳِهڙندي چيو، ”ٻڌين ٿي ويروءَ ماءُ، اڄ فلاڻي....“

گڻيش کي ڏاڍي غصو اچي ويو. چيائين، ”مان تو جوان، تون ٻين جي ڳالهين ۾ دستندازي ڇو ٿي ڪرين؟ نه ويو ته نه ويو. ممتا ته انڌي ٿيندي آهي. ڪنهن به ماءُ کي پنهنجي ٻار ۾ کوٽ نظر نه ايندو آهي.“

نيتا جي من ۾ ڏاڍو ملال ٿيو ته سچ کي ناڪاري گيتا پٽ کي ڍڪي ويٺي.

ٻئي ڇوٿين ڏينهن گڻيش آفيس مان موٽندي راجوءَ کي سئنيما جي کڙڪيءَ تي ٽڪيٽ جي لائين ۾ بيٺي ڏٺو. هٿ ڪنگڻ کي آرسي ڇا؟ هنجو شڪ مضبوط ٿي ويو. گهر اچي ڇانهن پيي، هو سٺو ڪرڻ نڪتو ته گوپال کي به سڏ ڪيائين. صبوح شام ٽهلڻ تندرستيءَ لاءِ مناسب آهي ۽ گهڻو ڪري ٻئي گڏ نڪرندا هئا. گوپال چيو، ”بيهه! مان ڪپڙا مٽائي اِجهو ٿو آيس.“ گيتا ڪم ۾ مشغول هئي. گڻيش چيس، ”ڪا خبر پاپي ڪهڙو حال آهي؟“

گيتا جواب ڏنو، ”نيڪ آهي.“

هيڏانهن هوڏانهن نهاري گڻيش چيو، ”پاپي، راجو ڏسڻ ۾ نٿو اچي؟ هونئن ته شام جو اِسڪول جا ڪم پيو ڪندو آهي.“

گيتا چيو، ”هو ته دوست وٽ پڙهڻ ويو آهي. اُني ئي اسڪول جا ڪم به ڪري ايندو. مونکي ڪم مان فرصت ڪونهي ۽ پٽس به ٽڪي ته اچي. پاڻ ئنو، جهٽپٽ اُني ئي ختم ڪري ايندو.“

گيتا کِلي چيو، ”نہ نہ، تون ڀُلي ھوندينءَ. راجو تہ اِسڪول ويو آھي.“ خير، نيتا گھر هلي آئي.

شام جو نيتا گيتا جي گھر آئي نہ راجو گھر ۾ ئي ھئو. نيتا گيتا کان پڇيو تہ ”تو راجوءَ کان پڇيو يا نہ تہ ھو اِسڪول ويو ھئو يا نہ؟“

گيتا تڏھن راجوءَ کي سڏ ڪندي پڇيو، ”راجو، تون اڄ اِسڪول ويو ھئين يا نہ؟“

راجو ان سوال جو جواب ڏئي تہ ٻيو سوال ٿيو، ”نيتا آنٽي چوي ٿي تہ تو بزار ۾ سائيڪل پئي ھلائي؟“

راجوءَ جو مُنهن ڦِڪو ٿي ويو. ھمت ڪري چيائين، ”ممي، مان تہ اِسڪول ويو ھوس.“

اِن تي گيتا کِلي ڪري چيو، ”مون چيو ڪونہ، منھنجو راجو اھڙو ڪونھي جو اِسڪول گسائي. ضرور توکي غلط فھمي ٿي ائي.“ نيتا جون تہ ٻہ ٻہ ويون، ڇھہ ٻہ ويون. راجو کھڙيءَ نہ صفائيءَ سان ڪوڙ ڳالھائي رھيو ھو ۽ ماڻس ھن تي وشواس ڪري رھي ھئي. شايد ھن کي نيتا کان وڌيڪ وشواس راجوءَ تي ھو.

خير، نيتا جو من خراب ٿي پيو. ھوءَ اُٿي کڙي ٿي ۽ گھر ھلي آئي.

گھر اچي ھن گٽيش کي ٻڌايو تہ ڪيئن راجو اِسڪول ڪونہ ويو ۽ ماڻس ھنجي ڳالھہ تي وشواس نہ ڪيو.

ڪيائين. ”ٻهڙي ’اڌ پيار جو ئي اِهو نتيجو آهي جو هو ايڏو بگڙي ويو. هن جي ايڏي همت ٿي جو پڇي ويو؟ پر ٻه وڃي ٻنڌ ۾ پوي. اهڙي پٽ کي ڳولهي ورِي کهڙو منهن کڻي گهمندس؟“

اِهي اکر ٻڌي ته هيڪاري گيتا زور زور سان روئڻ لڳي، ”ڏنو! ڏسو توهان پيءُ جي ڪنور وهنوار جي ڪري ئي منهنجي لال مون کي ڇڏي ويو هلي.“

ٻئي هڪ ٻئي تي ڏوهه مڙهڻ لڳا. گڻيش ٻنهي کي شانت ڪندي چيو، ”هاڻي توهان شانت ٿيو ته هن کي ڳولهڻ جو بلو ڪجي.“

گوپال ته هٿ مٿي کي ڏيئي ويهي رهيو، چيائين، ”مونکي ته ڪجھ سمجھ ۾ ئي نٿو اچي.“

گڻيش چيس، ”هاڻي مڙسي ڪيو، هلو ته پهرين راجوءَ جي دوستن وٽ ٿا هلون، جن وٽ هو اڪثر ويندو هو.“

ٻئي اسڪوٽر تي چڙهي ڪافي دوستن وٽ ويا پر سڀني چيو ته راجو ٻن ڏينهن کان اسان وٽ ڪونه آيو آهي ۽ اسڪول جي اُنهن ساٿين ٻڌايئن ته راجو ته عرصي کان اسڪول ۾ ڪونه ويندو هو. اِهو ٻڌي هو اسڪول پهتا. خبر پين ته راجوءَ جو نالو اسڪول مان ڪٽجي چڪو آهي ۽ مهيني کن کان هو اسڪول ڪونه آيو آهي، نڪو ئي پنهنجي في ڀري اٿائين.

اِهو ٻڌي ته گوپال ڄڻ آسمان تان ڪِريو. هن کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو. هو هر مهيني في ۾ راجوءَ

گڻيش دل ۾ چيو تہ چوانس ٺو تہ برابر اِسڪول جا ڪم. وينو ڪري توهانجو پُٽ! پر وري اِهو سوچي نہ گيتا وشواس نہ ڪري، ڪجھ جو ڪجھ چئي نہ ڏئي ۽ منهنجي من ۾ بہ دک ٿي پوي. اِنڪري چپ رهيو ۽ گوپال سان ڳڌ نِڪري ويو.

اجا هفتو کن ئي ڪونہ گذريو تہ ٻڌڻ ۾ آين تہ راجو گهر مان ڀڄي ويو آهي.

نيتا ۽ گڻيش بہ ٻڌو. پر ٻڌي اڻ-ٻڌي ڪري ڇڏِي. نيتا تہ همدرديءَ لاءِ بہ گيتا وٽ وڃڻ لاءِ تيار نہ هئي، پر گڻيش هن کي پاڙيرسيءَ جو فرض نڀائڻ لاءِ ئي هلڻ جي لاءِ تيار ڪيو.

جڏهن ٻئي گوپال جي گهر پهتا تہ ممڻ متو پيو هو. ڪافي ماڻهو همدرديءَ لاءِ ڪنا ٿيا هئا ۽ گيتا روئي روئي اڌ مئي ٿي وئي هئي.

نيتا کي ڏسي تہ هن کي چنبڙي پئي ۽ هيڪاري اوڇڳارون ڏيئي روئڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي، ”نيتا جنهن ڏينهن تو چيو هو، اُنهيءَ ڏينهن ئي مان اک پٽيان ها تہ هيءُ ڏينهن نہ ڏسڻو پوي ها.“

گوپال- ”تہ ڇا نيتا کي خبر هئي؟“

گڻيش نيتا واري ڳالھ گوپال کي ٻڌائي تہ هو ڪاوڙ ۾ پرجي ويو ۽ چوڻ لڳو، ”هِن تہ مون سان ڪا ڳالھ ئي ڪونہ ڪئي، انڌي ممتا ۾ ويڙهجي پٽ جي اوگڻن تي پڙدا پئي

گڻيش ۽ گيتا نيم سان روز شام جو ڀڄن جي شروعات ۽ ھمدرديءَ لاءِ ايندا ھئا. آٿت ڏيندا ھئا- ”پاپي توھان خيال نہ ڪريو، ايشور تي ڀروسو ڪريو. راجو ضرور واپس ايندو.“

پر گيتا کي تہ اجايا سجايا خيال اچي پاڳل بڻائي ڇڏيندا ھئا- ”الائي منھنجو لال ڪھڙي حال ۾ ھوندو. اُجايل، بکايل الائي ڪٿي پيو ڀٽڪندو ھوندو. الائي ھن دنيا ۾ آھي الائي نہ؟“ اِئين چئي روئڻ لڳندي ھئي.

چنتا آھي چتا سمان. سڪيلڊو پٽ وڃي ھلي تہ اُن گھر جي حالت ڪھڙي ٿيندي؟

گڻيش اڪثر آفيس جي ٽور سان احمدآباد ويندو ھو. اُتي ھو ھڪ ننڍي ڍابي ۾ روٽي کائيندو ھو، ڇو جو اُتي صفائي بہ ڪافي رھندي ھئي ۽ روٽي بہ تازي، گرم ۽ سستي ملندي ھئي. ھو روٽيءَ جو آرڊر ڏيئي وينو مس تہ ھنجي نظر ٻيءَ ٽيبل تي روٽي ڏيندي ھڪ ڇوڪر تي پئي. ھن جا ڪپڙا ڦاٽل، وار وکريل ۽ بيترتيب ۽ چھرو ڪومايل ھو.

گڻيش کي سمجھندي دير نہ لڳي تہ ھو راجو ئي آھي. راجو بيخيالو ھو، اِنڪري گوپال وڃي وڃي راجوءَ جي ٻانھن پڪڙي. گوپال کي ڏسندي ئي راجوءَ جي پيلي ڇھري تي ھيڪاري ھيبت ڇانئجي وئي ھو ٻانھن سان پنھنجو منھن لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳو. اِن تي ھيڪاري گوپال جو شڪ پڪ ۾ بدلجي ويو. ھن پڇيس، ”تون راجو ئي آھين نہ؟“ راجو نہ ڪوڙ ۾ ماھر ھو، چيائين، ”نہ مان رامو آھيان، ٻلي سنت ڪان پڇو.“

کي ڏيئي پرائيندا هئا، رسبد وٺي رکن ايترو به ڪنهن وٽ وقت نه هئو. اسڪول جو هوم ورڪ ۽ ڪلاس ورڪ به ڪري ٿو يا نه اِن جي چڪاس به ماءُ پيءُ کي ڪرڻ جڳائي. پر ٻنهي زال مڙس اِنهيءَ جي ضرورت ئي ڪونه سمجهي.

راجو روز ڪهڙن دوستن وٽ پڙهڻ ٿو وڃي، ڪٿي ٿو وڃي، پڙهي ٿو يا مٽرگشتي ٿو ڪري، اِن جي سُڌ به ٻنهي ڪونه لڌي.

پر هاڻي ته جهرڪيون سڄي ٻني چُڳي چڪيون هيون. هاڻي ڪافي دير ٿي ويئي هئي. هاڻي ته صرف هڪ هٿيار ئي آخري هو، ”پوليس ۾ رپورٽ ڪرائڻ.“ سا به ڪرائي ويئي. اخبارن ۾ اِشتهار به وجهايا ويا پر سڀ بيڪار. راجو ته اِئين غائب هئو، جيئن ”گڏهه جي مٿي تان سِڱ.“

گيتا ته روئي روئي اکيون ڪڍي وڃايون. بيمار ٿي پئي. کٽ ڪڍي پڪڙيائين. اولاد جي موهه جي جِري ڪا ڳهت آهي ڇا؟ جيئن ڪاٺ کي اندر ئي اندر اُڌهي کائيندي وڃي ته خبر ئي نه پوي، تيئن گيتا کي به اندر ئي اندر ڳڻتي وئي کائيندي.

پر هاڻي ڪجي به ڇا؟ جتي به ڏس ملندو هون ته اسان راجوءَ جهڙو ڇوڪرو فلاڻي شهر ۾ ڏٺو آهي ته گوپال جهٽ گاڏيءَ ۾ چڙهي اُتي وڃي هن جي تلاش ڪندو هو.

پيءُ جو هردو ڪيڏو به ڪٺور هجي پر اولاد لاءِ ته هو به ميڻ آهي. اندر ۾ ته هو به ڳريو پئي پر سلي ڪنهن سان؟

اِهو بڌي گڻيش کي لڳو ڄڻ ٻمر عن جي مٿان ٿي ڦاٽو. هن نيتا کي هلڻ جو اِشارو ڪيو ۽ ٻئي گهر کان ٻاهر هلي آيا. گڻيش جو چهرو غصي ۾ ٻاڙهو ٿي ويو. پر نيتا جي اکين مان لڙڪ ڳڙي آيا. ٻنهي جي ڪيڏي نہ بي عزتي ٿي هئي.

گهر پهچي گڻيش نيتا جي ڳلن تان ٻنهي هٿن سان ڳوڙها اُگهي چيو، ”چري، اسان تہ پنهنجي فرض ادائي ڪئي آهي. هاڻي انڌي ممتا جي ڪري هن جو پُٽ هٿن مان وڃيس تہ تہ وڃڻ ڏيس.“

۽ ٻئي اِن ڳالھ کي دل تان وسارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

گڻيش سيٺ کان پڇيو، ”سائين! هيءُ ڇوڪر توهان وٽ گهڻن ڏينهن کان آهي؟“

سيٺ، ”مان سمجهان ٿو مهينو کن ٿيو هوندس. ڇو توهان هن کي سڃاڻو ٿا؟“

گڻيش، ”سائين! هيءَ گهران ڀڄي آيو آهي. ماءُ پيءُ هن جي ياد ۾ بيمار ٿي پيا آهن. هن جي ماءُ ته بستري داخل پئي آهي. سُکيو گهر ڇڏي هتي نوڪر جو ڪم ڪري ويٺو ڪري.“

سيٺ عجب مان- ”رامو ڇا هيءُ سچ آهي؟“

راجو ڪُجهي جهڙي پٽ.

گڻيش راجوءَ کي سڌو گهر اچي ڇڏيو.

گيتا جو ته اندر ٺري پيو پٽڙو ڏسي. ڄڻ نئون جنم ملي ويس. گڻيش راجوءَ کان پڇيو- ”تون گهران ڀڄي ڇو وئين؟“

راجو- ”مان پاڻ ڪونه ويس، مونکي گونڊا کڻي ويا هئا.“

گڻيش- ”پر جڏهن اُنهن توکي ڇڏي ڏنو ته تون گهر ڇونه آئين؟ اُتي ٻئري جو ڪم پيو ڪرين. هتي ته ڪڏهن ماءُ پيءُ کي به هڪ گلاس پاڻيءَ جو پري ڪونه پياريئه؟ نوڪر جو ڪم ڪندي توکي شرم نه آيو؟“

اِهي اکر ٻڌي گيتا جو پارو چڙهي ويو. انڌي ممتا ورِي زور مارڻ لڳي، چي- ”ٻئرو ٻئرو ڇئي توهان ته اسان کي لڇي ڪرائڻ جي ڪوشش ٿا ڪيو. هڪ ته ڇوڪرو مصيبت ۾ ڦاسي پيو ۽ توهان هن کي ڪڙو ڳالهائي ورِي گهر مان دل ڪٽو ٿا ڪرڻ چاهيو ٿا؟“

تعارف

ڪملا ڳوڪلاڻيءَ جي ڪهاڻين جو چوٿون ڳاڏ سٿو "انسانيت جي راهه" اوهان جي هٿن ۾ آهي.

هن جي ڪهاڻي سنگره جون چئن رچنائون آهن—

١. پرائي درد جو احساس 1984 ٢. هڪ ٻيو سمبها 1987
٣. ٽٽن زندگي 1995 ٤. انسانيت جي راهه 1999

هن جي سڀني رچنائن ۾ نواڻ آهي. زماني جي هلندڙ وقت جي رفتار سان هلندي ڪملا جون ڪهاڻيون سماج جي اوڻاين جو پردا فاش ڪري پاٺڪ کي هر ڪهاڻيءَ سان گڏ سوال جو جواب ڳولهڻ جي جگياسا سان گڏ ناري جاڳرتيءَ لاءِ به آواز اٿارڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون.

ڪملا جون ڪهاڻيون آڪاشوائي جئپور تان پرسارت ٿينديون رهنديون آهن. هن کي سنڌي اڪادمي راجستان طرفان انعام عطا ڪيا ويا آهن جيڪي ليکڪا جي سڦل آئيندهه جون نشانيون آهن. ليکڪا جي من ۾ سماج جي اوڻاين کي ڏسي ڏيکڻ جي احساس کي قلم جي طاقت سان زلزلو اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مان هن جي ساهت ڏانهن چاهه ۽ محنت لاءِ ڪمس داد ٿو ڏيان. هڪ سٺي گرهڻيءَ سان گڏ هوءَ هڪ سڦل ليکڪار آهي ته به ليکڪا جو پارمت نڀائيندي ٿي اچي. مان شڀ ڪامنائن سان گڏ سندس روشن آئيندهه جي ڪامنا ٿو ڪيان.

ڊي. سي. ڀڳت

ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج (رٽائرڊ)، جئپور